# ٻال ڀارتي

## درجو چوٿون

## سِنڌِي









# ٽيلِي - مانس هيلپ لائين

## Tele MANAS (Tele Mental Health Assistance and Networking Across States)

**(14416/1800-89-14416)**

راشٽريہ مانسڪ صحت ڪاريہ ڪرم تحت ٽيلي مانس اها مرڪزپاران شروع ڪيل يوجنا مهاراشٽر راجيہ ۾ آڪٽوبر 2022 کان لاڳو ڪئي ويئي آهي. ٽيلي مانس ڪاريہ ڪرم تحت هيلپ لائين نمبر 14416 ذريعي مفت 24 x 7 ڳڏيل ۽ سڀ شامل مانسڪ صحت شيوا ڏني ويندي آهي. ان ۾ جدا جدا مانسڪ مسئلن لاءِ ماهرن طرفان علاج ۽ ڪائونسلِنگ ڪئي ويندي آهي. ٽيلي مانس هيلپ لائين تي ٽيليفون ڪرڻ تي اسانجي ڏنل ڄاڻ پوري طرح ڳجهي رکي ويندي آهي. ان ڪري شاگرد بنا هٻڪ جي پنهنجا مسئلا ان هيلپ لائين نمبر تي فون ڪري ٻڌائن ۽ من ۾ هوندڙ سوال پڇن ۽ پنهنجي مسئلي بابت مدد وٺجي ۽ ٻين کي ٻہ مدد وٺڻ لاءِ چئجي.

## منو درپڻ

منو درپڻ (8448440632) مفت ٽيليفون سيوا جولاءِ 2020 کان تعليمي کاتي ذريعي راشٽريہ شئشڻڪ سَنشوڌن ۾ پرشڪشڻ پريشد جي منو درپڻ روُم ذريعي شاگردن، مائٽن ۽ ماسترن کي منووگيانڪ سمجهاڻي ۽ مدد ڏيڻ لاءِ صبح 8 کان شام 8 تائين هفتي جا سڀ ڏينهن ميسر ڪرايل آهي. شاگرد، مائٽ ۽ ماستر ضروري رهبري ۽ ڪائونسلنگ لاءِ هن هيلپ لائين تي پڻ فون ڪري سگهن ٿا.

هي درسي ڪتاب راڄيہ شئڪشڻڪ سنشوڌن ۽ پرشڪشڻ پريشد، پڻي طرفان تيار ڪيل اَڀياسڪرم ۽ پاٺيہ ڪرم اَنوسار تيار ڪيو ويو آهي. اُنهن طرفان هن درسي ڪتاب جي چڪاس ڪئي ويئي آهي. سرڪاري فيصلو نمبر : اَڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦/ ٤٣) ايس.ڊي.٤ تاريخ ٢٥-٠٤-٢٠١٦ موجب اِسٿاپت ڪيل ڪو آرڊينيٽنگ ڪاميٽي جي تاريخ ٢٠٢٦-٠٤-١٣ جي ميٽنگ ۾ هن درسي ڪتاب کي سنہ ٢٠٢٦-٢٠٢٧ کان مختصر طور منظوري ڏني ويئي آهي.



# ٻال پارٽي

## درجو چوٿون

## سِنڌِي

٢٠٢٦

مهاراشٽر راڄيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پرواري چؤڪٽ مان QR Code سمارٽ فون ذريعي اِسڪئين ڪرڻ سان توهانکي درسي ڪتاب ۽ درسي ڪتاب جي سبقن بابت ڏسجندڙ ۽ ٻڌجندڙ ساهتيہ حاصل ٿيندو.

پهريون ڇاپو : ٢٠٢٦ : © مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پُستڪ نرمتي ۽ اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي-٤١١٠٠٤.

مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ نرمتي ۽ اڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبه ٽڪر ڊائريڪٽر مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪٿي نٿو سگهجي.

## ✦ سنڌي ڀاشا سمتي ✦

شري اَشوڪ ڪملداس مکتا، سڀاپتي

شري وجيه راڄڪمار منگلاڻي، ميمبر

ڪماري راڄيشري جيناند ٽيڪچنداڻي، ميمبر

ڊاڪٽر ڪاجل اَنيل رامچنداڻي، ميمبر

ڊاڪٽر وندنا اَشوڪ راماڻي، ميمبر

ڊاڪٽر اَميت گوبندرام رامچنداڻي، ميمبر

## ✦ سنيوجڪ ✦

شريمتي ميران مهيش گدواڻي،

وشيش اَڌڪاري سنڌي (و.ڪا.)

## ✦ سنيوجڪ سهاير ✦

شريمتي گيتا گڻيش ناڪر

(ڪاپي رائيٽر سنڌي)

**ٽائيپ سيٽنگ** : ستنام ساکي، ميران چاولا

**چترڪار** : شريمتي براجني ري

**ڪوَر پيڄ** : شري پاتو باٻالي

## ✦ نرمتي ✦

شريمتي مِتالي شيتپ (اِنچارج مکيه نرمتي اَڌڪاري)

شري راڄيندر پانڊلوسڪر (نرمتي اَڌڪاري)

## جائزو ڪندڙ

شريمتي ڪومل سکواڻي (چڪاس ڪندڙ)

شريمتي آشا چاندواڻي (قانوني ماهر)

## پرڪاشڪ :

شري هيمنت بابر

(اِنچارج ڪنٽرولر)

پاٺيه پُستڪ نرمتي منڊل، پرڀاديوي، ممبئي-٢٥.

**ڪاغذ** : ٧٠ جي.ايس.ايم. ڪريم وو

**پرنٽنگ آرڊر** :

**ڇاپيندڙ** :

## ماسترن لاءِ هدايتون

- سڀ بيت، گيت، ڳانا، سُرتال ۽ اِشارن سان اَداڪاري ڪرائي ڇوايو. وري وري دُهرائڻ جو اَڀياس ڪرايو.
- ڪتاب ۾ ڏنل چترن، ڳالهين بابت ڳالهه ٻولهه ڪرايو. سوال پڇيو ۽ وڌيڪ ڄاڻ ڏيو.
- جوڙن ملائڻ لاءِ هڪ جوڙو توهين ملائي، سمجهائي، ٻيا جوڙا ٻارن کي ملائڻ لاءِ چئو.
- گفتگوءَ لاءِ ٻه ٻه ٻار يا گروپ ڻاهي پاڻ ۾ سُوال پڇڻ جو اَڀياس ڪرايو. شاگردن کي سُهڻا اَکر لکڻ لاءِ همٿايو.
- اَلڳ اَلڳ وشين تي چرچا ڪرائي پنهنجا ويچار پختائيءَ سان پيش ڪن، اِن ڳالهه کي همٿايو.
- نوان نوان لفظ، اُنهن جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان ڏسي، اُنهن جا جملا تيار ڪرايو جيئن شاگردن جو لفظي خزانو وڌي.
- اَکر جوڙي لفظ ڻاهڻ، لفظ کڻ آڻي جملا ڻاهڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ جو اَڀياس ڪرايو.
- لئبرريءَ مان نيم سان ڪتاب وٺي پڙهڻ لاءِ چاهه پيدا ڪريو.
- اَلڳ اَلڳ وشين تي نيٽ ذريعي، ڪتابن ذريعي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري ان لاءِ مدد ڪريو ۽ ٻڌائڻ جو موقعو ڏيو.
- سِکڻ ۽ سيکارڻ وڌيڪ اَثرائتو ڪرڻ لاءِ شاگردن کي وچ، وچ ۾ رانديون، چرچا، پروليون سلڻ، وغيره جهڙيون مشغوليون ڪرايو.
- اَلڳ اَلڳ ڇتاپيتين جو آيوجن ڪري اُن ۾ شاگردن کي ڀاڱ وٺڻ لاءِ همٿايو.
- خاص ضرورت هوندڙ ٻارن لاءِ سکڻ - سيکارڻ جي پرڪريا وقت اِشارا ٻولي (Sign Language) تيئن پيو ڪو پورڪ سيکارڻ جو طريقو ڪم آڻيو جيئن انهن تائين مواد چڱيءَ طرح پهچي سگهي. خاص ضرورت هوندڙ ٻارن کي جنهن طريقي سان ممڪن هجي اُن طريقي سان ظاهر ڪرڻ جو موقعو ڏيو جيئن اُنهن جا رد عمل توهين حاصل ڪري سگهو.
- اَلڳ اَلڳ مشغولين بابت ڳالهه ٻولهه ڪرايو. سوال پڇو. ڄاڻ ڏيو.
- شاگرد مزي ۽ چاهه سان هر مشغوليءَ ۾ ٻهرو وٺي ۽ اُنجو سکڻ آننددايڪ ٿئي اَهڙو واتاورڻ نرماڻ ڪري سيکاريو.

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڏراجيه بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ چويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

---

### ڀارتيہ سنوڌان

### باب - چوٿون اَلف

### بُنيادي فرض

قلم 51A

بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي ترانيَ، آدرشن ۽ سنسٿا جيِ عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جنِ آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڦوڪيو، اُنهن جيِ سنڀال ۽ پوئواري ڪندو.

(ٻ) ڀارت جيِ ايڪتا، اَکنڊتا ۽ سمپورڻتا جيِ رکشا ڪندو.

(پ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(ڀ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جيِ ڀاونا پئدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، کيترواد جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جيِ حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگليِ-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سُڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ٺ) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ث) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جيِ لڳاتار ڪوشش ڪندو جئن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ک) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو، جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هُجي.

## راشٽرگيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَتَ ڀاڳيہ وِڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ اُتڪلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀ آشِيس مانڳي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارَتَ ڀاڳيہ وِڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي.

## پرتِگيا

’ڀارت مُنهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي اِنجي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گَوُرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن متن مائٽن، اُستادن ۽ سڀني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هرڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس.

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ئِي منهنجو سُک سمايل آهي.‘

# پرستاونا

پيارا شاگرد دوستو،

نئون تعليمي سال شروع ٿيو آهي. توهانجي هٿن ۾ درجي چوٿين جو سنڌي ٻال ڀارتي درسي ڪتاب ڏيندي بيحد خوشي ٿِي رهي آهي.

درجي ٽئين تائين توهان لفظ ۽ جملا، پڙهڻ، لکڻ ۽ ڳالهائڻ سکيا آهيو. درجي چوٿين جي درسي ڪتاب مان نيون آکاڻيون، ڪويتائون، گفتگو، چترڪٿا، چتر ورنن، ڇاڻ تي ليک اِنهن جي پڙهڻ جو مزو وٺڻ وارا آهيو. هن درسي ڪتاب جا سبق توهان کي ويچار ڪرائيندا. نيون نيون ڳالهيون سيکاريندا ۽ اُن ذريعي توهانجي ڪلپنا شڪتيءَ جو وستار ڪندا. هِن درسي ڪتاب جا بيت توهان سُر تال ۽ اَداڪاريءَ سان پيش ڪرڻ وارا آهيو. توهان اِهي سڀ ڪويتائون پڙهڻ، لکڻ ۽ دوست ساهيڙين سان گڏ ڳائڻ ۾ مزو ايندو. ڪي ڪويتائون چوڻ، ڳائڻ جهڙيون لڳنديون تہ ڪجهہ ڳالهيون پڙهندي توهانکي پنهنجا آزمودا ياد ايندا.

هرهڪ سبق سان گڏ ۽ ڪويتا لاءِ ڏنل رنگين ۽ ٻڌائڻ وارا چتر مذڪور سمجهڻ ۾ مدد ڪندا. ڪڏهن ڪڏهن چتر ڏسي توهين پنهنجي آکاڻي تيار ڪري سگهندا.

هن درسي ڪتاب ۾ الڳہ الڳہ سِرن هيٺ ڏنل سڀ مشغوليون حل ڪندي توهانجي ڀاشا جون لياقتون وڌيڪ ۾ وڌيڪ وڪاس ڪرڻ واريون آهن. ’اَچو تہ سکون‘، ’ڀاڻ ڪريان ڀاڻ سکان‘، ’لفظي راند‘ ڏنل الڳہ الڳہ ڳجهارتون، اِنهن جهڙين الڳہ الڳہ سِرن هيٺ ڏنل الڳہ الڳہ مشغوليون حل ڪرڻ ۽ لکڻ لاءِ توهانکي ضرور وڻنديون. اِنهن مشغولين جي اَڀياس ذريعي توهان جي ڀاشا جو خزانو بہ واڌارو ڪندو.

درسي ڪتاب جي الڳہ لڳہ پراجيڪٽن ۽ اُپڪرم ڪندي توهانکي تمام گهڻو آنند ملندو.

هن درسي ڪتاب جي ڪري گهر، اسڪول ۽ پسگردائيءَ ۾ توهين شُڌ، سهڻي ۽ اَٿردار سنڌي ڀاشا آتم وشواس سان واپرائڻ لاءِ سکندا. شاگرد دوستو، اِهو درسي ڪتاب توهين مزي سان ۽ من سان پڙهو. درسي ڪتاب ۾ ڏنل سڀني سبقن ۽ ڪويتائن کي چڱيءَ طرح سان سمجهي وٺو.

شاگرد دوستو، توهانجي تعليمي سفر لاءِ من سان شڀ ڪامنائون.

(اَنوراڌا اوڪ)
سنچالڪ
مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي - ۴.

پڻي،
تاريخ : ۱۹ اَپريل ۲۰۲۶
ڀارتيہ سؤريہ تاريخ: ۲ ويساکہ ۱۹۴۸، اَکڻ ٽيج

# علمي حاصلات

| لياقت | علمي حاصلات | صفحه نمبر |
|---|---|---|
| ١ | پڙهيل، سمجهيل مضمون کي سمجهڻ ۽ پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ ڳالهائڻ وقت مناسب ۽ سڌريل جملن جي مدد سان پنهنجي ڏنل وشيہ کي چڱيءَ طرح سان ظاهر ڪرڻ. | ١٧، ٢٤، ٤٤، ٥٣، ٨٦ |
| ١.١ | الڳ الڳ وشين تي پنهنجا ويچار پڌائڻ | ٤٧، ٥٠، ٥٣، ٧١، ٧٦، ٧٧، ٧٩ |
| ١.١.١ | ڪنهن بہ آکاڻي، قصي، گيت، بيت، گهٽنا بابت پنهنجن آزمودن اَنوسار جواب ٻڌائيندو. | ٢، ٦، ٧٦، ٧٧ |
| ١.١.٢ | کهاڻيون، ٽڪر، اڻ ڇاتل خبرون ۽ ڇاڻ ڏيان سان ٻڌندو آهي ۽ اِنهن تي هڪ گروپ ۾ بحث ڪندو آهي. | ١٨، ١٩، ٨٣، ٨٤ |
| ١.١.٣ | واقعن، حالتن، روزاني تجربن بابت هڪجهڙائيءَ سان راءِ جو اِظهار ڪري ٿو. | ٢٣، ٦٣، ٦٤، ٨٠ |
| ١.١.٤ | ڏنل وشيہ تي ٨ کان ١٠ جملن ۾ پنهنجا ويچار پيش ڪري ٿو. | ٥٤، ٥٥، ٨٣، ٨٤ |
| ١.٢ | ڪلاس ۾ پڙهيل ادب مان بنيادي خيالن کي وستار سان بيان ڪري ٿو. | ٤٤، ٤٧، ٤٨، ٥٣، ٥٨ |
| ١.٢.١ | مختلف متن کي ٻڌو ۽ پڙهو، مکيہ خيالن جي سڃاڻپ ڪيو. | ٤٤، ٤٧، ٤٨، ٥٣، ٥٨ |
| ١.٢.٢ | متن جي مکيہ خيالن کي تفصيل سان بيان ڪري ٿو. | ٤٤، ٤٧، ٤٨، ٥٣، ٥٨، ٧٦، ٧٧ |
| ١.٢.٣ | ادب جي مواد کي بيان ڪري ٿو. | ٣، ٢٦، ٢٧، ٢٨، ٧٦، ٧٧ |
| ١.٢.٤ | ڪلاس ۾ پڙهيل ادب جي متن جو سار بيان ڪريو. | ٤٨، ٥٢، ٥٤، ٥٦ |
| ١.٣ | الڳ الڳ قسمن جون زباني پيشڪشون ڪري ٿو. مثال : تصويرون ڏيکارڻ ۽ اُن جي باري ۾ ٻڌائي جيئن تہ واڌايون ڏيڻ، ڪنهن ننڍي پروگرام کي مختصر هلائڻ، اُن تي مختصر تقريرون ڪرڻ (ڪلاس بحث ۾ حصو وٺڻ) وغيره. | ٥، ٢٠، ٢٣، ٢٤ |
| ١.٣.١ | ڪنهن بہ پڇيل شيءِ، وشيہ، مدي بابت ٥ کان ٦ جملن ۾ چرچا ڪري ٿو. | ٥، ٢٠، ٢٣، ٢٤ |
| ١.٣.٢ | ڏڻ وارن جشنن ۽ خاص موقعي تي مبارڪون ڏئي ٿو ۽ معلومات جو اِظهار ڪري ٿو. | ٥، ٢٠، ٢٣، ٧٠، ٨٦ |
| ١.٣.٣ | ڪلاس ۾ الڳ الڳ مدن تي زباني ويچار پيش ڪري ٿو (بيت، گيت، دوها وغيرهہ). | ٥، ٣٢، ٨٢، ٨٦ |
| ١.٣.٤ | ڏنل موضوع / وشيہ تي پنهنجن ويچارن جو اظهار ڪري ٿو. | ٣، ٥، ٥٤، ٥٥، ٦٣، ٦٤، ٧٦، ٧٧ |
| ٢ | مختلف قسم جي واقف ۽ اڻ واقف متن کي سمجهيو. انهن متن کي (نثر ۽ نظم) سمجهہ جي انوسار سمجهڻ، پڙهڻ گهرجي. | ٧، ١٣، ١٨، ٢٦، ٣٣، ٣٩، ٤٥، ٥١، ٥٤، ٦٣، ٦٥، ٧٠، ٧٢، |
| ٢.١ | مختلف قسمن جي متن کي سمجهڻ لاءِ مختلف عمليون استعمال ڪري ٿو (اندازو لڳائڻ، تصويرون ڪيڻ وغيره). | ٣٨، ٤٨، ٧١ |
| ٢.١.١ | ڏنل متن (نثر - نظم، ڊراما) ۾ واقعن جي صحيح ترتيب ٻڌائي ٿو. | ٣٨،٣٩،٤٠،٥٠،٥٣،٦ |
| ٢.١.٢ | مذڪور ۾ مکيہ واقعن ۽ ڪردارن بابت ڳالهائي ٿو. | ٣٣، ٣٤، ٣٥، ٣٩، ٤٠، ٧٦، ٧٧ |
| ٢.١.٣ | مذڪور ۾ بيهڪ جي نشانين جو استعمال ڪري ٿو. سوالي نشاني، اڌورو دم، پورو دم، عجب جي نشاني وغيره. | ٧٠، ٧٦، ٧٧، ٨٣، ٨٤ |
| ٢.١.٤ | پڙهڻ واري متن جي مواد بابت اَيڪٽيون ڪريو ۽ انهن کي پنهنجي ٻوليءَ ۾ بيان ڪريو. | ٣٣، ٣٤، ٣٥، ٣٩، ٤٠، ٥٤، ٥٥ |
| ٢.١.٥ | پڙهيل متن جو ٤ کان ٥ جملن جي نتيجن ۽ راين بابت اظهار ڪري ٿو. | ٧، ٨، ١٧، ٢٠، ٢٤، ٣٣، ٣٤، ٣٥ |
| ٣ | سمجهہ ۽ تجربي جي اِظهار لاءِ سادا ۽ پيچيدهہ جملا لکڻ جي حاصلات پيدا ڪرڻ. لياقت، ذهني حاصلاتين جي ترقي (وگيامیہ ڪوش وڪاس) | ٨، ١٧، ٢٣، ٢٤ |

| | | |
|---|---|---|
| ٣.١ | لکڻ جي نيتيءَ کي استعمال ڪري ٿو. جھڙوڪ : عملي حاصلات ڏيڻ. | ٢٧، ٣٢، ٤٠، ٤٨، |
| ٣.١.١ | ڏنل لفظن مان نهڪندڙ جملا ٺاهي لکو. | ٢٨، ٣٧، ٣٨، ٤٠ |
| ٣.١.٢ | پسگردائيءَ ۾ ٿيندڙ واقعن کي صحيح سلسلي انوسار ٽڪر ٺاهي لکي ٿو. | ٧، ١٤، ١٨، ١٩ |
| ٣.١.٣ | اڻڄاتل متن (وشيہ) پڙهي ٿو ۽ اُن تي صحيح سِرو لکي ٿو. | ٢٦، ٢٧، ٧٤، ٨٦ |
| ٣.١.٤ | مختلف اَدبي (ساهتيہ) قسمن تي پنهنجي تجربي انوسار ٤ کان ٥ پيراگرافن ۾ ترتيب / مواد کي سِرو ڏيئي ٿو ۽ اُن جو اُپديش سمجهي ٿو. | ٤٥، ٤٦، ٧٦، ٧٧ |
| ٣.٢ | ڏنل متن ۾ موضوع، خيالن ۽ سمجھ کي واضح ۽ صحيح اَنداز ۾ بيان ڪري ٿو. | ٤٨، ٦٦، ٨٦ |
| ٣.٢.١ | ڏنل متن ۾ مکيہ تصورن ۽ موضوعن جي سڃاڻپ ڪري ٿو. | ٥٣، ٥٨، ٨٨ |
| ٣.٢.٢ | ڏنل متن ۾ صورتحال جي بنياد تي هڪ راءِ لکي ٿو. | ٥٣، ٥٨، ٨٨ |
| ٣.٢.٣ | ڏنل موضوع تي ٦ کان ٨ جملن ۾ هڪ واضح تعارف لکو. | ٦،٨،١٣،١٧،٣٢،٤١ |
| ٣.٣ | ڊائريون، نيندڊ پتر، بيت، آکاڻيون ۽ گفتگو وغيره وشين تي لکي ٿو. | ٢١، ٤٨، ٦٨ |
| ٣.٣.١ | الڳ الڳ وشين تي ڊائريون، پيپر تيار ڪري ٿو. | ٢١، ٢٦، ٢٧، ٤٨ |
| ٣.٣.٢ | ڏنل وشيہ تي پنهنجي سُهڻن اکرن ۾ لکي ٿو، ڏنل ساهتيہ جي انوسار ادب | ١٨، ١٩، ٢١، ٢٣، ٣٣، ٣٤، ٣٥، ٤٥، |
| ٣.٣.٣ | اسڪول ۾ ٿيل ادبي جلسن جي لاءِ نيندڊ پتريڪا ٺاهي ٿو. | ٧٦، ٧٧ |
| ٣.٣.٤ | پنهنجن تجربن انوسار گفتگو لکي ٿو. | ٣، ٢١، ٥٠ |
| ٣.٤ | لکڻ جي هنر ۾ گرامر جي اکرن، اصطلاحن جو صحيح استعمال ڪري ٿو. | ١٣، ١٧، ٢٨، ٣٧، ٤٤، ٤٩، ٥٧، ٦٢ |
| ٣.٤.١ | صحيح بيهڪ جون نشانيون، سوالي نشاني، عجب جي نشاني، پورو دم، اڌورو دم، اصطلاح، هم آوازي لفظ اِنهن جو استعمال ڪري ٥ کان ٦ جملن ۾ لکي ٿو. | ١٨، ١٩، ٣٢، ٨٦ |
| ٣.٤.٢ | اسپيلنگ جي قاعدن کي نظر ۾ رکندي لفظن ۽ جملن کي چڱيءَ طرح ٺاهي لکو. | ٣، ٣٣، ٣٤ |
| ٣.٤.٣ | صفت، فعل ۽ زمان، گرامر جي وشين جو صحيح استعمال، پيراگراف لکي ٿو. | ٦، ٧، ١٠، ١٧، ٢٥، ٣٢، ٣٣، ٣٤، ٣٥، ٣٧، ٤٢، ٤٥، ٤٦، ٥١، ٥٧، |
| ٤ | مختلف ذريعن گهرءِ اسڪول جي تجربن مان هڪ اکر لاءِ الڳ معنيٰءِ لفظن بابت ڄاڻ حاصل ڪري ٿو. | ٢،٥،٩،١٧،٢٠،٢٨، ٣٧، ٤٤، ٤٨، ٥٠، ٥٣، ٦٠، ٦٢، ٦٥، ٦٦،٦٨،٧٩،٨١،٢ |
| ٤.١ | هڪ اکرن جون الڳ الڳ معنيٰءِ اکر جي لاءِ الڳ الڳ ساڳئي معنيٰ وارا لفظ ڄاڻي سمجهي ٿو، هم آوازي لفظ. | ٢، ٩، ٢٢، ٤٤ |
| ٤.١.١ | ساڳئي معنيٰ وارا لفظ ۽ ضد بابت ڄاڻ حاصل ڪري ٿو. | ٣، ١٨، ١٩، ٢٢، ٢٣، ٣٠، ٣١، ٣٦، ٤٤، ٦٥، ٧٨ |
| ٤.١.٢ | ڪيترن ئي معنائن وارن لفظن کي گڏ ڪري ٿو. | ٣، ٦ |
| ٤.١.٣ | ڏنل لفظن جي معنيٰ سمجهي اُن جو رواجي نموني استعمال ڪري ٿو. | ٢، ٤، ٢٨، ٣٧، ٤٥، ٤٦، ٥٣ |
| ٤.٢ | مختلف زباني تصويري راندين ذريعي لفظ ٺاهڻ جي دلچسپي ڏيکاري ٿو. | ٢، ٥، ١٢، ١٧، ٢٢، ٢٨، ٤١، ٤٤، ٤٩، ٥٠، ٥٣، ٦٢، ٦٨، ٧٩، ٨١ |
| ٤.٢.١ | لفظي تصويري راندين ذريعي، نوان لفظن جي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۾ دلچسپي ڏيکاري ٿو. | ٧، ١٣، ٣٨، ٤٩، ٥٠، ٥٣، ٦٠، ٦٨ |

| | | |
|---|---|---|
| ۴.۲.۲ | هڪ لفظ لاءِ اُن جو ساڳئي معنيٰ وارو لفظ اِستعمال ڪندي جملو لکندو. | ۱، ۳، ۱۵، ۲۳، ۲۴، ۴۳، ۵۲، ٦۷، ۸۰ |
| ۴.۲.۳ | ڳالهائيندڙ راند ذريعي وڏيڪ ڪان وڏيڪ لفظ حاصل ڪري ٿو. | ۱، ۷، ۱۳، ۲۵، ۳۹، ۴۰، ۴۴، ۴۵، ۵۰، |
| ۴.۲.۴ | پُراڻن ادب، لفظ لکڻ ۽ ٻوليءَ جي راندين ذريعي جديد لفظن جو مجموعو. | ۴۱،۴۳،۴۵،۴٦،۵۷، |
| ۴.۲.۵ | ڪراس ورڊ پزل حل ڪري ٿو. | ۴۱، ٦۲ |
| ۴.۳ | لوڪ ڪهاڻين (لوڪ ڪهاڻيون، لوڪ گيت، لوڪ اَرٽ) پڙهڻ سان نوان لفظ حاصل ڪري ٿو. مثال طور: شلوڪ، فوڳري ڊانس، پونڊلا وغيره. | ٦۲، ۷۵ |
| ۴.۳.۱ | پڙهيل لوڪ ڪهاڻين مان واقف لفظن جي فهرست ڏيئي ٿو. | ۱۷، ٦۲، ۷۵ |
| ۴.۳.۲ | اَبهنگا ۾ اڻ واقف لفظن جي معنيٰ اسڪول ۾ ڏني ويندي آهي. ڊڪشنريءَ ذريعي سان اُن مان اڻ واقف لفظ ڳولهي ٿو. | ۱۵ |
| ۴.۳.۳ | لوڪ ڪهاڻيون، ساهتيه پڙهي اُن ۾ اڻ واقف لفظن جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان ڳولهي ٿو ۽ نوان لفظ ڄاڻي ٿو. | ۲۵، ۷۴ |
| ۴.۳.۴ | پنهنجي ٻوليءَ ۾ پڙهيل لوڪ ڪهاڻين کي ٻيهر ٻڌائي ٿو. | ۱۷، ۷۵ |
| ۵ | پڙهڻ لاءِ دلچسپي پيدا ڪرڻ ۽ سندس وڪاس ڪرائڻ. | ۳، ۷، ۱۸، ۲٦، ۳۳، |
| ۵.۱ | پڙهڻ لاءِ باقاعدگي سان لائبريريءَ مان ڪتاب وٺي ٿو. | ۴۰ |
| ۵.۱.۱ | لائبريءَ ۾ مختلف ڪتابن جي سڃاڻپ ڪري ٿو. | ۲٦، ۲۷، ۲۹، ۳۲ |
| ۵.۱.۲ | لائبريءَ جي ڪتابن پڙهڻ جي مواد کي پاڻ سنڀاليندو آهي ۽ اِنهن کي قسم جي درجي مطابق درجي بندي ڪندو آهي. | ۲۷، ۲۹، ۴۰ |
| ۵.۱.۳ | اِسڪول جي لائبريريءَ مان ضرورت وارا رواجي ۽ متن سان لاڳاپو رکندڙ ڪتاب وٺي ٿو. | ۳۹، ۴۰ |
| ۵.۲ | لائبريءَ مان ڪتاب پڙهڻ ۾ دلچسپي ڏيکاري ٿو. | ۲۷، ۳۸ |
| ۵.۲.۱ | لائبريءَ مان هڪ ڪتاب پڙهو ۽ ٻڌايو تہ اِن مان توهان کي ڇا پسند آيو. | ۱، ۳۰، ۳۱، ۴۰ |
| ۵.۲.۲ | مائٽن ۽ اُستادن جي مدد سان اِي. لائبريري استعمال ڪري ٿو. | ۱، ۱۷، ۱۹ |
| ۵.۳ | اخبارن جون سرخيون پڙهي ٿو ۽ معلومات حاصل ڪرڻ ۾ دلچسپي ڏيکاري ٿو. | ۱۳، ۵۳، ۵۷ |
| ۵.۳.۱ | اخبارن ۾ مختلف خبرن جون سرخيون پڙهي ٿو. | ۱۳، ۵۳، ۵۷ |
| ۵.۳.۲ | پڙهيل خبرن جي بنياد تي سوالن جا جواب ڏئي ٿو. | ۲۹ |
| ۵.۳.۳ | بُليٽن بورڊ تي خبرن جا ٽڪرا ڏيکاري ٿو. | ۷، ۸،۱۳،۵۳ |
| ۵.۳.۴ | ساٿين کي ٻڌندڙ ۽ پڙهيل خبرن بابت ٻڌائي ٿو. | ۷، ۲۹ |

درجي چوٿين جي شاگردن کي سال جي اَندرگهٽ ۾ گهٽ ڏنل علمي حاصلات پوري ڪرڻ ضروري آهي.

عملي حاصلات جي پر ۾ ڏنل صفحہ نمبرڪانسواءِ ٻين صفحن تي پڻ علمي حاصلات ٿِي سگهي ٿِي.

- ٽرنگي جهنڊي جا رنگہ جيڪڏهن مناسب نہ هُجن تہ اُهي تڪنيڪي ڪارڻ سبب ٿِي سگهن ٿا.

★ درسي ڪتاب ۾ واپرايل نِشانيون ★



پڙهڻ | ٻڌڻ | لِکڻ | ڳائڻ | ماسترن لاءِ | ڳالهہ ٻولهہ | پاڻ ڪريان پاڻ سکان | ٿوري وندر | وڏيڪ ڄاڻ | سائين لئنگويز



G

# فهرست


## ڀاڱو - ١

| نمبر | وشيه | صفحه نمبر |
|---|---|---|
| (١) | پرارٿنا (بيت) | ١ |
| (٢) | اُٺ | ٣ |
| (٣) | ڪَبِٽي | ٧ |
| (٤) | ڪوئل (بيت) | ١٥ |
| (٥) | صاف واتاوَرڻ | ١٨ |

## ڀاڱو - ٢

| نمبر | وشيه | صفحه نمبر |
|---|---|---|
| (٦) | ڪو تہ ٻُڌائي (بيت) | ٢٣ |
| (٧) | ڪِئِلي | ٢٦ |
| (٨) | راجا ڪنهن ٿي اَنبُ چِليو (بيت) | ٣٠ |
| (٩) | صَحِيح چُونڊَ | ٣٣ |
| (١٠) | لُوڻ جي اَهميَت | ٣٩ |
| (١١) | سَچُ (بيت) | ٤٣ |

## ڀاڱو - ٣

| نمبر | وشيه | صفحه نمبر |
|---|---|---|
| (١٢) | مِٺا ٻولَ | ٤٥ |
| (١٣) | وَڻَ ٽِڻَ (بيت) | ٥٢ |
| (١٤) | ڪِلَڪُ | ٥٤ |
| (١٥) | چَنڊُ (بيت) | ٥٨ |
| (١٦) | دارجِلنگ | ٦٣ |

## ڀاڱو - ٤

| نمبر | وشيه | صفحه نمبر |
|---|---|---|
| (١٧) | لَغز (بيت) | ٦٧ |
| (١٨) | اُتراڻِ | ٧٠ |
| (١٩) | ڪَمپيوٽر جي ڄاڻَ | ٧٦ |
| (٢٠) | اَچو تہ جَڳُ گُلزارِ ڪَريون (بيت) | ٨٠ |
| (٢١) | دادا مونکي تہ ڏاڍو مَزو ٿو اَچي | ٨٣ |
| (٢٢) | پَکينِ جي پَئنچاتِ (بيت) | ٨٧ |

# ۱. پرارٿنا

ٻُڌو ۽ ڳايو.



اَسان جي حال تي هردمُ، سَڀاجها ڀاڄهَ پَنهِنجِي ڪَرِ
پِيارا ڀال پَنهِنجي سان، اسانجو پانڌُ پالهو پَرِ.
ڀُليل آهيون تہ توُن پَنهِنجِي ڪلا سان راهہ روشن ڪرِ.
اسانجو هيءُ قدم ڪچڙو، سَنئين رستي تي سائين ڌرِ
ڇڱائيءَ ۽ مَدائيءَ جي، سچي ساڃاهہ صاحب ڏي،
ڀلو ۽ ڀَهِتري جنهن ۾ سدا سا شال پاڙيون پَرِ.

پڙهوُن جيڪي ڏَريوُن دِل تي، عمل ٿئي علم سان شامِل،
نئين سِر چاهُہ پيدا ٿئي، فَضيلَتَ ۽ ادب خاطرِ
ڪچيءَ ڪان ڪر اَثر پيدا، اَسان ۾ خيرخواهيءَ جو،
دُنيا ۾ خلق خدمت ڪان، نہ ڀانيوُن بَندگي بهترِ
ڪپي جيڪي گهُروُن توڪان، اي ڏاتر ڏيهہ کي ڏيندڙ،
سدا پرپوُر پنڌاري، اي داتا دادگِر داوَرَ.

هدايتون: ماستر پرارٿنا بابت سوال پڇندو. ٻار گڏجي سُر ۾ پرارٿنا ڳائيندا. ماستر ٻارن کي ٻي ڪا پرارٿنا اِنٽرنيٽ تان لکي اچڻ لاءِ چوندو ۽ ڪلاس ۾ پيش ڪرڻ لاءِ چوندو. ڊڪشنريءَ مان ڏکين لفظن جي معنيٰ ڳولهي ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.

اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪَريون ۽ لِکون.



۱. بيت مان مناسب لَفَظ ڳولهي چؤڪُنڊي ۾ لِکو.

مثال : ڪچڙو | قدم

(۱) روشن ☐ (۲) سنئون ☐

(۳) سچي ☐ (۴) بهتر ☐

۲. گول مان مناسب هم آوازي لفظ ڳولهيو.

(۱) پال، شال ☐

(۲) مدائي خيرخواهي ☐

(۳) ڏريون، گهرون ☐

(۴) پر، پر ☐

حال، ڏر،
چڱائي،
پڙهون

۳. لفظي راند

’عمل ۽ علم‘ ۾ ٽي اکر آهن ع، م، ل اَهڙي نموني هيٺ ڏنل پن/ ٽن اکرن مان ٻہ لفظ ٺاهيو.

(۱) ر، ڪ، م .......... ۽ .......... (۲) ي، س، ر .......... ۽ ..........

(۳) ل، ما، ڪ .......... ۽ .......... (۴) ي، ر، د .......... ۽ ..........

۴. مناسب معنيٰ واري لفظ ،مٿان گول پايو.

مثال : هردم ← ساهہ، هميشهہ، هرهڪ

(۱) بندگي ← زندگي، ڀڳتي، گندگي

(۲) ڏاتر ← ايشور، ترِ ڏات

(۳) خلق ← جنتا، سنسار، دنيا

(۴) خِدمَت ← رحمت، صحت، شيوا

# ٢. اُٺ

پڙهو ۽ لِکو.



اُٺ پالتو ۽ ڪارائتو جانور آهي. ٻين ڪيترن جانورن جي ڀيٽ ۾ هيءُ ڏگهو لڳندو آهي. هِنَ کي سنهيون چار ٽنگون، وڏنڊڙ ٻہ اکيون، ٻہ ڪَنَ، وڏو وات ۽ بخمل جهڙو شرير مِليل آهي. هِنَ جي پُٺيءَ تي ٿوُهو ٿيندو آهي. هن جو رنگ هلڪو ناسي هوندو آهي، هن جي ٻچي ڍِگهي ٿيندي آهي.

اُٺ جاپير گاديءَ وانگر نهيل آهن، جنهنڪري بيابان ۾ تمام تڪڙو هلي سگهندو آهي. اُتي گهڻو ڪري ڪنڊن وارا ٻوٽا ٿيندا آهن، اِنڪري ڪنڊا هِنَ جو پَسنديءَ وارو کاڄ آهي. ڪنڊن کان سواءِ نِم جا پن بہ هِنَ کي جام وڻندا آهن. اُٺ جي پيٽ ۾ ٻہ ڳُجيوُن ٿينديون آهن. هيءُ ڪاڏو اوڳاڇي کائيندو آهي، مطلب تہ پيٽ مان ڪڍي وري کائي سگهندو آهي. اُٺ پيٽ ۾ پاڻي سانڍي رکي سگهندو آهي، تنهن ڪري بنا پاڻيءَ جي بيابان ۾ هلي سگهندو آهي. اِهي ٻيئي نعمتون فقط اُٺَ کي ئي عَطا ٿيل آهن. مادي اُٺ کي ڏاچي چئبو آهي. ريگستان جا ماڻهو سُواريءَ ۽ مال ڍوئڻ لاءِ اُٺ کي ڪتب آڻيندا آهن، تنهن ڪري هِن کي بيابان جو ٻيڙو پڻ چوندا آهن.

## اَچو تہ ڳالھِہ ٻولھِہ ڪَريون ۽ لِکون.

### ١. هيٺين سُوالَن جا جواب لِکو.

(١) اُٺ جو وڏندڙ ڪاڏو ڪَھِڙو آهي؟

(٢) اُٺ جي بَناوَت بيان ڪَريو.

(٣) اُٺ ڪاڏو ڪيئَن ڪائيندو آهي؟

(۴) مادي اُٺ کي ڇا چئبو آهي؟

(۵) اُٺ کي بيابان جو ٻيڙو ڇو چَوندا آهِن؟

### ٢. هيٺِيَن ۾ خالَ ڀَريو.

(١) اُٺ پالِتوءَ ........................ جانور آهي.

(٢) اُٺ جا پير ................... وانگرُ نَھيَل آهِن.

(٣) اُٺ جي پيٽَ ۾ بہ ..................... ٽيندِيون آهِن.

### ٣. هيٺِيَن لَفظَن جا ضِدَ لِکو.

(١) پَسَند (٢) ڳَھٽو (٣) تَڪِڙو (۴) ڪارائتو

### ۴. گُفتَگوُ پوري ڪَريو.



گھوڙو : مان هميشھ .................. هوندو آهيان.



گھينڊو : مان گھٽو ڪري پاڻ کي ٿڌو ڪرڻ لاءِ ............ ۾ رهندو آهيان.



هرڻ : مونکي بہ سُھڻا .................. آهِن.



جراف : مُنھِنجي ................... سَيني کان ڊِگھي آهي.

### ۵. (الف) ٽڪر پڙھي جواب ڳولھي لِکو.

اُٺ پالتوءِ ڪارائتو جانور آهي ............... هن جي ڳچي ڊِگھي ٿيندي آهي.

(١) ٻندرو (ضِدُ) -

(٢) هڪُ رَنگُ -

(٣) جَھنگلي (ضِدُ) -

(۴) پُٺيءَ جو عضوو -

(ب) هينيان لفظ پڙهو. لفظن جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان حاصل ڪريو ۽ هرهڪ جو جملو لکو.

| |
|---|
| بيابان، ڪاچ، |
| نعمت، پيڙو |

٦. اچو تہ سوچيون.

(ا) جانورن لاءِ ڏنل بيان ڌيان سان پڙهي، تهڪندڙ بيان لاءِ جانورَ اڳيان ڏنل خاني ۾ نمبرُ لکو.



شينهن



هاٿي



ڪُمي

١) وفادار جانور

٢) ڪاٺ، پيٿر، سامانُ کڻڻ لاءِ سونڊ

٣) تيز ڊوڙندڙ جانور

۴) گجگوڙ جيڪا ٨ ڪلوميٽر تائين ٻڌي سگهجي ٿي.

٥) تمامُ چالاڪ جانور

٦) رُڳو برسات ۾ نظر ايندو آهي

٧) کيرُ ڏيندڙ جانور

٨) سڀني کان وڏي عُمر



لومڙ



مينهن



هرڻ



ڏيڏر



ڪُتو

(٢) مٿي ڏنل هرهڪ جانور لاءِ ٻہ ٻہ جملا ٻڌايو.

٧. ڄاڻ حاصِل ڪريو.

سِرُ - مٿو　　　　سُرُ - آواز

سِر - جِڳهه ناهڻَ ۾ ڪَمُ ايندڙ　　　　سَرَ - موتِيُن جي لڙهي

سُرِ - اَڳتي وَڃُ

اَهڙي نَمُوني جُدا جُدا ماتِرائُون ڪَمُ آڻي هيٺِيَن لَفظَن جُوُن معنائون ڳولِهيو.

وت، ڪر، واهه، ست، ور



## وياڪرڻ

### صِفَت

١) مون وَٽ هيناں پَڪلُ اَنبُ ڏِنو.

٢) هيءَ گِهِتي سوڙهي آهي.

٣) اَڪبر سِياڻو بادِشاهُه هو.

۴) چانهِه ۾ گهِت کَنڊُ آهي.

۵) سالَ ۾ ٻارهان مَهِنا ٿيندا آهِن.

٦) هيءُ مُنهِنجو نَنڍڙو ڀاءُ آهي.

٧) سومر هَفتي جو پَهرِيون ڏينهَنُ آهي.

’پڪل انب‘ ۾ ’پڪل‘ لفظ اَنب جي خاصيَت ٻُڌائي ٿو.

’’گهِتي سوڙهي‘ ۾ ’سوڙهي‘ گهِتيءَ جي باري ۾ ڄاڻ ڏئي ٿو.

’سياڻو بادشاهه‘ ۾ ’سياڻو‘ لفظ بادشاهه جو گُڻ ٻُڌائي ٿو.

’گهٽ کنڊ‘ ۾ ’گهٽ‘ لفظ کنڊ جو اَنداز ٻُڌائي ٿو.

اِهي سڀ لفظ صفت آهن.

اُهو لفظُ جيڪو اِسم يا ضَمير جو گُڻُ، اَوگُڻُ، اَنداز يا عدد ٻُڌائي اُنکي صفت چئبو آهي.

هيٺِيَن جُملَن مان صفت ڳولِهيو.

١. راڻيءَ جو آواز مِٺو آهي.　　　　٢. اَنگور ڏاڍا کَٽا آهن.

٣. مينا کي ٽي پينرون آهن.　　　　۴. راجيش حسابن ۾ هوشيار آهي.

هدايتون: ماستر اُنَ جون خاصيتون سمجهائي پين جانورن بابت ڳالهه ٻولهه ڪندو. ٻارن جا گروپ ناهي جُدا جُدا جانورن تي ڳالهائڻ لاءِ چوندو. ڪنهن به هڪ جانورتي ٨-١٠ جملا لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

# ٣. ڪَبَتِي

پڙهو ۽ سَمجهو.



ڪَبَتِي مهاراشٽرراجيه جي هڪ مُکيه راند آهي. ڪَبَتِي ڀارت جي هرياڻي ۾ کيڏي وڃي ٿي. هيءَ راند هر عمر جا ماڻهو کيڏي سگهن ٿا.

ڪَبَتِي رانـدِ همٿ ۽ قُوّتيءَ واري راند آهي. هن راند ذريعي اِنسان ٻلوان، هوشيار ۽ چُسُت بڻجي ٿو. ساڳئي وقت هُن ۾ ٻُڌڻ، يادگيري، حملو ڪرڻ، حملو روڪڻ ۽ تُرت فيصلو وٺڻ جهڙين قابليتن جو وڪاس ٿئي ٿو.

هاڻي اَچو، ڏسُون تہ ڪَبَتِي راند ڪيئن کيڏبي آهي. هن راند لاءِ هڪ سِڌي، سَنواٽي ۽ نرم مٽيءَ واري ميدان جي ضرورت پوي ٿي. ٨ x ١٣ چورس ميٽرن جي ايراضيءَ واري ميدان تي چوڌاري نشان ڪري وچ تي هڪ ليڪو پاتو ويندو آهي. هِن راند ۾ هرهڪ ٽيم جا ٧-٧ رانديگرءِ ٥-٥ محفوظ رانديگر ٿيندا آهن.

راند ٢٠ - ٢٠ منٽن جي ٻن حصن ۾ کيڏي ويندي آهي. وچ ۾ ٥ منٽن جي

اِنٽروِيل ٿيندي آهي. ريفري مختلف ٽولين جي رانديگرن کي آمهون سامهون بيهاريندو آهي.

ريفري جي سيٽي وَڄائڻ تي هڪ ٽوليءَ جو رانديگر ”هتو... تو... تو“ يا ”ڪَبڙي... ڪَبڙي“ چوندي ٻي ٽيم جي حَدَ ۾ داخل ٿيندو آهي. هوُ ٻنا ساهي پَٽڻ جي سامهون واري ٽيم جي رانديگرن کي ڇُهڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هوُ جَنهن رانديگر کي ڇُهي واپس موٽي ايندو آهي، اُهو رانديگر ”آئوٽ“ ليکيو ويندو آهي. ٻيءَ حالت ۾ سامهون واري ٽيم جا رانديگر گَڏجي ڇُهندڙ يا حَملو ڪندڙ رانديگر کي پَڪڙي سَندس ساهي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. جيڪڏهن اُن ۾ هوُ ڪامياب ويا تہ حَملو ڪندڙ رانديگر آئوٽ سمجهبو پر جيڪڏهن اُهو رانديگر هِڪ ئي ساهيءَ ۾ وِچ واري ليڪ تائين پهچي وڃي تہ ڪيس جن پَڪڙيو هوندو، اُنهن سڀني کي ريفري آئوٽ ظاهر ڪندو. اهڙي طرح آئوٽ ٿيندڙ رانديگر کي قطارَ ۾ راند ڪندڙ رانديگرن جي پُٺيان حَدَ واري ليڪ جي ٻاهران بيهاريو ويندو آهي، پوءِ وري هڪ ٽيم جو رانديگر ”آئوٽ“ ٿيڻ تي، ٻي ٽيم جو هِڪ رانديگر واپس راند ڪرڻ لاءِ ميدان ۾ واپس ايندو آهي. ريفري هر رانديگرَ جي آئوٽ ٿيڻ تي مُختلف ٽيم کي رمارڪ ڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح آخر ۾ جَنهن ٽيم، مُختلف ٽيم جا وَڌيڪ رانديگرَ آئوٽ ڪيا هوندا، ريفري اُن ٽيم کي کَٽيَل ٽيم ظاهر ڪندو آهي. ٻنهي ٽيمن جيڪڏهن هِڪ جيترا رانديگرَ آئوٽ ڪيا هوندا تہ ريفري ٢٠ منٽن جي وَڌيڪ راند ڪرائيندو. وَري بہ ٻنهي ٽيمن جي برابر رهڻ تي ٽاس ڪرائي فيصلو ڪندو.

**هدايتون:** ماستر شاگردن کي کوکو، ڪرڪيٽ وغيره جي چارٽ اِنٽرنيٽ وسيلي حاصل ڪري ڪٽي اَچڻ لاءِ چوندو. راندين بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري پاڻ کي وڻندڙ راند بابت ٨-١٠ جملا لکي اچڻ لاءِ چوندو. اَخبار مان راندين بابت ڏنل چارٽ جا ٽڪر ڪٽي، نوٽيس بورڊ ۾ لڳائڻ لاءِ چوندو. ڇاٽل لفظن جي معنيٰ پُڇندو. لفظي ڪارڊ تيار ڪري هرهڪ لفظ جو جملو ٺاهڻ لاءِ چوندو. اَڇاٽل لفظن جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان ڳولهي ٻڌائڻ لاءِ چوندو.



## اَچو ته ڳالهه ٻولهه ڪريون ۽ لکون.

۱. هيٺين سُوالن جا جواب لکو.

(۱) ڪٻڏي راند سبب اِنسان ۾ ڪهڙين قابليتن جو وڪاس ٿئي ٿو؟

(۲) ڪٻڏي راند لاءِ ڪهڙي ميدان جي ضرورت پوي ٿي؟

(۳) آئوٽ ٿيندڙ رانديگر کي ڪٿي ويهاريو ويندو آهي؟

(۴) ڪهڙي ٽيم کي ڪٽيل ظاهر ڪيو ويندو آهي؟

۲. هيٺين ۾ خال ڀريو.

(۱) ڪٻڏي ................. راڄيه جي هڪ مُکيه راند آهي.

(۲) ڪٻڏيءَ جي راند ................. ۽ ................ واري راند آهي.

۳. هيٺيان لفظ جُملن ۾ ڪم آڻيو.

(۱) چُستُ (۲) فيصلو (۳) سنواٽي

(۴) حملو (۵) راند

۴. ساڳئي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| (۱) ڦُرتي | (الف) طاقتور |
| (۲) ٻلوان | (ب) واڌارو |
| (۳) ڪامياب | (ٻ) چُستي |
| (۴) وڪاس | (پ) سڦل |

۵. هيٺين لفظن جا ضد لکو.

چست، نرم، يادگيري، ڪامياب، مختلف

۶. هيٺين جُملن مان اِسم چونڊيو.

(۱) ڪٻڏي، مهاراشٽر جي مُکيه راند آهي.

(۲) اِنهن سڀني رانديگرن کي ريفري، آئوٽ ظاهر ڪندو.

(۳) سُنيتا، انب کاڌو.

(۴) اَسان تاجمحل ڏسڻ ويندا سين.

(۵) مُنهنجي ماءُ مونکي ڏهه رپيا ڏنا.

۷. هيٺين جُملن مان ضمير چونڊيو.

(۱) تون سُياڻي اَچجان.

(۲) ڪلهه اَسان ڪرڪيٽ رانڌِ ڪئي.

(۳) مان روز صُبح جو ڪَسرَت ڪندو آهيان.

(۴) هو اَڄ، آفيس مان جَلدي گهر آيو.

(۵) توهان سڀيئي گڏجي وڃجو.

---



# وياڪرڻ

## جُملن جا قسم

(۱) هاڪاري (۲) ناڪاري (۳) سوالي (۴) عجبي (ندائي)

(۱) **هاڪاري جُملو:-** اُهو جُملو جنهن مان 'ها' جي معنيٰ نِڪري اُن کي هاڪاري جُملو چئبو آهي.

مثال (۱) رام اَسان سان گهمڻ هلندو. (۲) ڪاجل روز گهرَ جو ڪَمُ ڪندي آهي.

(۲) **ناڪاري جُملو:-** اُهو جُملو جنهن مان 'نه' جي معنيٰ نِڪري اُن کي ناڪاري جُملو چئبو آهي.

مثال (۱) راجا، مون سان ڳالهه نه ڪئي. (۲) رام شام جي وقت رانڌِ نه ڪندو آهي.

هاڪاري ۽ ناڪاري جُملن کي مِلائي بياني جُملو به چئبو آهي.

(۳) **سوالي جُملو:-** اُهو جُملو جنهن ۾ سوال پڇيل هجي اُن کي سوالي جُملو چئبو آهي.

مثال (۱) تون ڪِٿي رَهندو آهين؟ (۲) رام سُياڻي پوني ويندو ڇا؟

(۴) **عجبي (ندائي) جُملو:-** اُهو جُملو جنهن ۾ ڀاوَ، جَذبو، عجب، ڏک يا خوشي ظاهر ڪيل هُجي اُن کي عجبي (ندائي) جُملو چئبو آهي.

مثال (۱) شاباس! تو رانڌِ ڪَئي. (۲) واهه! سچن چوُنڪو هنيو.

۲. 'مهاراشٽر' لفظ جا اکر آهن - م ھ ر ش ٽ

اِهي اکر ۽ ماترائون اِستعمال ڪري نوان لفظ تيار ڪري سگهجن ٿا.

(١) مها (٢) راشٽر (٣) رام (۴) رٽ (۵) رام

(٦) مھر (٧) مار (٨) شاھ (٩) مٽ (١٠) ھر

اهڙي نموني ماستر جي مدد سان 'مهورت' لفظ جا اکر - م، ھ، ر ت، کم آڻي نوان لفظ تيار ڪريو.

۳. راندين ۽ سامان - جوڙ ڪنديءَ ۾ ✓ يا ✗ نشان ڪريو.



| | | | |
|---|---|---|---|
| هئنڊ گلووز | رئڪيٽ | لڪڙي | تير |



| | | | |
|---|---|---|---|
| بال | چشمو | رئڪيٽ | بال |

۴. کرڪيٽ راند ذريعي انسان ٻلوان، هوشيار ۽ چست بڻجي ٿو.
ليڪ ڏنل صفتن کي اِسم ۾ بدلايو ۽ هرهڪ صفت جو جملو ٺاهيو.

| | - | ........................................................ |
| | - | ........................................................ |
| | - | ........................................................ |

۵. ٽڪرپڙهو ۽ ڏنل مشغوليون پوريون ڪريو.

ٽي.وي. ۽ اَخبارن وارن گوپال منڊليءَ جي ڪافي ساراهه ڪئي هئي. هنن جي ڪمن کي ساراهيو ويو.

گوپال منڊليءَ جو مهندارگوپال پاڻ هو. هن جي ٻُڌي تيز هئِي. گوپال جا ساٿي پڻ ڪلهي سان ڪُلهو مِلائي ڪم ڪندا هئا.

گوپال جي من ۾ ويچار آيو ته هوليءَ جي ڏڻ تي ماڻهو نقصانڪاررنگ ٿا واپرين جنهنجو اَثر صحت تي ته پوي ٿو ۽ واتاورڻ تي پڻ پوي ٿو.

هنن پئسا گڏ ڪري ڪيسوڙي جا گُل خريد ڪري پاڻيءَ ۾ وِجهي رنگ ٺاهيو ۽ اِهو ماڻهن ۾ ورهايو. ماڻهن پڻ هنن جي ترڪيب کي بيحد ساراهيو. پرمپرا پڻ زنده رهي. اِن لاءِ هوُ اِنهن ڳالهين تي خاص ڌيان ڏيندو هو.

(۱) ٽي.وي ۽ اَخباروارن ڪنهن جي ساراهه ڪئي هئي؟

(۲) گوپال منڊليءَ جو مهندارڪير هو؟

(۳) گوپال جي من ۾ ڪهڙو ويچار آيو؟

(۴) گوپال منڊليءَ رنگ ڪيئن ٺاهيو؟

(۵) ڏنل ٽُڪري مُناسب سِرو ڏِيو.

# ۴. ڪوئِل

**ٻڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.**



ڪنهن توکي سيکاريو ڳائڻ؟
مٺڙا مٺڙا گيت ٻڌائڻ؟

پياري ڪوئل! ترت ٻڌاءِ !
گيت مٺي سُر سان تون ڳاءِ!

آهہ رسيلو تنهنجو گانو،
ڪري سِپِنِ جو من مستانو.

ڪوئل! توڙي آهين ڪاري،
تہ بہ آهين سپني جي پياري.

ڪجھ نہ ڪڏهن مونکان ڊپ ڊاءُ،
آهيان تنهنجو ننڍڙو ڀاءُ.

هيٺ لهي اَچ، ڪوئل راڻي،
گڏجي راند رمون ٻاراڻي،

گيت ٻڌائي شاد ڪجانءِ،
متان وِسارين، ياد ڪجانءِ.

## اَچو تہ ڳالهه ٻولهه ڪريون ۽ لِکون.

١. ٻُڌايو.

(١) ڪَهڙو پَکي مِنڙا گيت ڳائِيندو آهي؟

(٢) ڪوئل جو گِيت ڪيئَن آهي؟

(٣) ڪوئل جو نَنڍڙو ٻاءُ ڪيرُ آهي؟

(۴) ڪوئل ڪَهڙي مُند ۾ مِنڙا گِيت ڳائِيندي آهي؟

٢. هينِيان هَمِ آوازِي لَفظَ پوُرا ڪَريو.

| | | | |
|---|---|---|---|
| (١) | ٻڌاءُ | ڳاءُ | |
| (٢) | گانو | مستانو | |
| (٣) | راڻِي | باراڻِي | |
| (۴) | ڪارِي | پيارِي | |

٣. گول مان مُناسب جواب ڳولهي لِکو.

(١) گيت ڳائي ٿو - ..................

(٢) ناچ ڪري ٿو - ..................

(۴) باجو وڄائي ٿو - ..................

(۵) بيت لکي ٿو - ..................

(٣) پٿرن مان مورتون ٺاهي ٿو - ..................

شاعر، ليکڪ
سنگيتڪار، گايڪ
نرتڪ، اداڪار
سنگتراش

## ۴. مثال سَمجهِي سِٽُنِ جو نَثرِي روپ لِکو.

**مثال :** گيتَ مِني سُرسان توُن ڳاءِ.

**جواب:** تون مِني سُرسان گيتَ ڳاءِ.

(۱) آهہ رسيلو تُنهِنجو گانو

(۲) آهيان تُنهِنجو نَنڍڙو ڀاءُ

(۳) ڪري سِپِنِ جو مَنُ مَستانو

(۴) تہ بہ آهِين سِپِني جِي پياري

## ۵. لاڳاپو پورو ڪَرِيو.

| | |
|---|---|
| مِثال - پيارو : پياري :: مِنڙو : | مِنڙي |
| (۱) هيٺ : مَٿي :: تُرتِ : | |
| (۲) رَسيلو : رَسيلا :: گانو : | |
| (۳) نَنڍڙو : وَڏڙو :: نَنڍو : | |
| (۴) ڪوئِلِ : پَکي :: اُٺُ : | |

## ۶. هيٺِ ڏِنَلَ جُملَنِ کي هاڪارِي، ناڪارِي، سوالِي ۽ عجبِي جُملنِ ۾ وِرهايو.

(۱) گيتا سِپِني جِي مَددَ ڪندي آهي.

(۲) سِپِني جو مَنُ مَستانو ڪيئَن ٿو ٿِئي؟

(۳) ڪارِ وغيرهہ هلائڻ وقت بِنا سَبب جي هارن نہ وَڄايو.

(۴) هِنَ جِي قيمَت گهٽِي آهي؟

(۵) واهہ! فِراڪَ تہ تَمامُ سُهڻو آهي.

(۶) اَفسوس! هوُ ڪِري پيو.

(۷) ريڊيو، ٽيپ رِڪارڊ جو آواز وڏو نہ رکو.

(۸) نيها اَسان سان پِڪنِڪ تي ضرور هَلندِي.

---



**هدايتون :** ماستر بيت مان ڪجهہ سِٽون ڏيئي اُنهن تي بيان لکي اَچڻ لاءِ چوندو. جدا جدا پکيءَ جون خاصيتون پڇندو.

**پروجيڪٽ :** ٻار ماستر ۽ وڏن جي مدد وني جدا جدا پکِين ۽ لوڪگيت اِنٽرنيٽ ذريعي گڏ ڪري ڪلاس ۾ ڪٽي ايندا.

# ۵. صاف واتاورڻ

پڙهو ۽ سَمجهو.



اڄُ ڳوٺن ۾ روزگار جا وسيلا پوُرا ميسر نہ آهن. اِن ڪري ڳوٺن جا رهواسي پنهنجي آجيوڪا ڪمائڻ لاءِ شهرن ڏانهن وڃن ٿا. اُتي ڪين ننڍي وڏي ڪارخاني يا آفيس ۾ نؤڪري ملي وڃي ٿي. ڪي وري مزوُري ڪري يا هٿ گاڏي ڪڍي شيوُن وڪڻي پنهنجو پيٽ پالين ٿا. ائين شهرن جي آدمشماري وڌنديِ رهي ٿي ۽ شهر وڌيڪ ڳُتيل بڻجندا وڃن ٿا.

ڳوٺن جي هوا شُڌ، وڻندڙ ۽ صحت بخش هوُندي آهي. شهرن ۾ تازي هوا مُشڪل ملندي آهي. انڪري شهري ماڻهوُ بيمارئيُن ۾ وڌيڪ مُبتلا هوُندا آهن.

شهرن جي پوتر هواڪي جيڪي عناصر خرابُ ڪن ٿا، اِهي اجهو هيءُ آهن:

١ - ڪارخانن مان نڪرندڙ دوُنهون ۽ زهريلين شين سان مليل گندو پاڻي.

٢-موٽرن، بسيُن، گاڏين ۽ ٻين واهڻن جو دوُنهون.

٣- آمدرفت سبب اڌامندڙ مٽي ۽ دز اَڪثر ڏٺو ويو آهي تہ شهرن جي پسگردائيءَ ۾ ڪيترائي ڪارخانا هوندا آهن. جن جو دونهون رات ڏينهن هواکي خراب ڪندو رهي ٿو. اَن ڪانسواءِ ڪيميڪل ڪارخانن جو ڇڏيل پاڻي جنهن بہ ندي نالي ۾ پوندو آهي، انهن جو پاڻي خراب ٿي پوندو آهي. اُهو پاڻي پيئڻ تہ پري رهيو، ڪپڙن ڌوئڻ جي لائق بہ نہ هوندو آهي. اُهو پاڻي درگند ڦهلائي هواکي خراب ڪندو آهي.

اَڄ هر اُسرندڙ شهر ۾ موٽر ڪاريون، موٽر سائيڪليون، اِسڪوٽر ۽ آٽو رڪشائون پڻ وڌنديون رهن ٿيون. اُنهن واهڻن جي دونهين ڪري بہ وايومنڊل اَشڌ بڻجي ٿو.

شهرن ۾ اَهڙو ڪو رستو مشڪل ملندو جتي آمدرفت سبب دونهين سان گڏوگڏ مٽي نہ اڏامندي هُجي. اِها مٽي ۽ دز دُڪاندارن چاهي راهگيرن لاءِ هاڃيڪارڪ ثابت ٿئي ٿي. هوا جي اَپوترتائيءَ سبب شهري ماڻهن جي تندرستي بگڙجي ٿي. اِهو ئي ڪارڻ آهي جو اَڄ شهري واتاورڻ ۾ زُڪام، کنگهہ، سهڪو ۽ ٽي. بيءَ جهڙيون بيماريون عامُ بڻجي پيون آهن.

هاڻي سرڪار واتاورڻ کي شُڌ رکڻ لاءِ اَلڳ وڀاڳُ قائم ڪيو آهي. جيتوڻيڪ ڪارخانن واري ايراضي شهرڪان ٻاهر مُقرر ڪئي ويئي آهي، تنهن هوندي ڪارخانن جي دونهين جو اَثر شهرن تي پوي ٿو.

هينيان اُپاوَ وٺڻ سان شهري واتاورڻ کي ڪي قدرُ شُڌ رکي سگهجي ٿو.

هر شهر ۾ جڳهہ جڳهہ تي وڻ پوکيا وڃن جيئن هوا صافُ ٿيندي رهي. ڪارخانن جي ڪيميڪل وارو پاڻي نديءَ ۾ نہ ڇڏڻ گهرجي. رستا سُنا ۽ ويڪرا هئڻ گهرجن تہ جيئن مٽي گهٽ اڏامي. موٽر واهڻ گهٽ ۾ گهٽ دونهون ڦهلائين، اِن لاءِ اُنهن جي وقت بہ وقت چڪاس ڪرائڻ گهرجي.



**هدايتون:** ماستر پسگردائيءَ بابت ننڍا ننڍا سوال پڇي شاگردن ۾ ٻالهہ - ٻولهہ ڪرائيندو. اي-ڪيوُ-آءِ (AQI) بابت چارٽ ڏيندو ۽ غليظ هوا جو صحت مٿان ڪهڙو اثر ٿيندو آهي، اُن بابت چٽر ڏيکاري شاگردن کان گفتگو ڪرائيندو. اَخبارن مان واتاورڻ بابت چارٽ پڙهي ڪلاس ۾ ٻڌائيندا.

## اَچو تہ ڳالھہ ٻولھہ ڪريون ۽ لِکون.

۱. **جواب لکو.**

(۱) ڳوٺَ جا رَهواسِي شهرَنِ ۾ ڇو ٿا اَچِي رَهنِ؟

(۲) ڳوٺَنِ جِي هَوا ڪِهڙِي هوُندِي آهي؟

(۳) شَهرَ وِڏيڪَ ڳُتيَلَ ڇو ٿا بڻجَندا وَڃنِ؟

(۴) وَڻَنِ پوکڻ مان ڪَهڙا فائدا آهن؟

(۵) ڪَهڙَنِ ڪارڻَنِ ڪَري شَهرن جِي آبهوا خَرابُ ٿئي ٿِي؟

(٦) شَهرنِ جِي آبهوا کي صاف ڪَرڻ لاءِ ڪَهڙا اُپاوَ ٻڌايا وَيا آهِنِ؟

۲. **هيٺِينِ لَفظَنِ جا ضِدَ لِکو.**

شَهر، شُڌ، دُرگَنڌ، ويڪرا، نُقصان

۳. **هيٺِينِ جوُن صُفتوُن لِکو.**

صحت، زهرُ، شهر، تَندُرستي

۴. **هيٺِ ڏِنلَ چِترَ ڏِسو. هِڪَ چِترُ ڳوٺ جو ۽ ٻِيو چِترُ شهرَ جو آهي. توهان کي ٻِنهِي ۾ ڪِهڙو فرقُ نَظرِ اَچِي ٿو.**





۵. **توهان جِتي رَهندا آهيو، اُتان جو ماحول ڪيئَن آهي؟**

٦. هيتِ ڏِنلَ چِترَ ڏِسو. صَحيح چِترَ هيٺان چؤڪُنڊي ۾ ✓ ڪَرِيو.














٧. پوسٽر ٺاهيو.










٨. لفظِي رانڊِ

مثال سَمجهِي چؤڪُنڊن ۾ لَفظَنِ جِي معنيٰ لِکو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| مثال : ڪار | + | خانو | = | ڪارخانو |
| هڪ واهڙ | | سامان رکڻ جِي جڳهه | | فئڪِٽَرِي |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| (۱) | آدم | + | شماري = | آدمشماري |
| | [ ] | | [ ] | [ ] |
| (۲) | تن | + | درستي = | تندرستي |
| | [ ] | | [ ] | [ ] |
| (۳) | آمد | + | رفت = | آمدرفت |
| | [ ] | | [ ] | [ ] |
| (۴) | راج | + | ڪُمار = | راجڪُمار |
| | [ ] | | [ ] | [ ] |

۹. ٽُڪرُ پڙهو ۽ ڏنل مَشغولِيون پوُرِيون ڪَرِيو.

هر شهر ۾ جڳهہ جڳهہ تي وڻ پوکيا وڃن ......... ان لاءِ اُنهن جي وقت بہ وقت چڪاس ڪرائڻ گهرجي.

(۱) هوا صاف تِيَڻَ لاءِ شهرَنِ ۾ چا ڪَيو وَڃي؟
(۲) ڪَهِڙو پاڻِي نَديُنِ ۾ نہ ڇَڏڻُ گهُرجي؟
(۳) رَستا ڪيئَن هُئَڻُ گهُرجَنِ؟
(۴) وَقِت بہ وَقِت واهَڻَ چَڪاسَ چو ڪَرائِڻُ گهُرجَنِ؟
(۵) ٽڪرمان ’ڪ‘ سان شروع ٿِيندڙ بہ لَفَظ لِکو.
(۶) ٽُڪرَمان بہ لَفَظَ اَهِڙا ڳولِهيو جيڪي بہ دَفعا ساڳيا آيلَ آهِنِ.

۱۰. ساڳِيءَ معنيٰ وارَنِ لَفظَنِ جا جوڙا مِلايو.

| | |
|---|---|
| (۱) واتاوَرڻ | (۱) ساڏَن |
| (۲) وَسِيلا | (۲) نُقصانڪارِ |
| (۳) هاجيِڪارِ | (۳) جُزا |
| (۴) عناصَرَ | (۴) وايوُمنڊل |

# ٦. ڪو تہ ٻڌائي

ٻڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.




ممي چوي ٿي هيءُ نہ ڪاءُ،
پپا چوي ٿو هوُ بہِ نہ ڪاءُ،
آخِر مونکي ڪائڻو ڇا هي؟
ڪو تہ ٻڌائي، ڪو تہ ٻڌائي.




چاڪليٽن تي منهنجي دِلِ،
ڏئي نہ ڪوئي ڪائڻُ اَصُل،
منهنجي دِلِ کي ڪيرُ مڃائي؟
ڪو تہ ٻڌائي، ڪو تہ ٻڌائي.

امتحانن جي ڪرِيان تياري،
هوم ورڪ بہِ مِلي ٿو ڀاري،
ڪنهن کان ايڏو اَڇان لِڪائي؟
ڪو تہ ُ ٻڌائي، ڪو تہ ٻڌائي.




ڪيڏڻ لاءِ ڪو ڪين چوي ٿو،
گهُمڻ - ڦرڻ لاءِ منُ مچلي ٿو،
مونکي اِن جو حق ڇو ناهي؟
ڪو تہ ٻڌائي، ڪو تہ ٻڌائي.

## اَچو تہ ڳالھہ ٻولھہ ڪريون ۽ لِکون.

١. هيٺِينِ سوالن جا جواب هِڪَ جُملِي ۾ لِکو.

(١) مِمي، پَپا ڇا ٿا چوَنسِ؟

(٢) شاعرَ جي دِلِ ڇا ٿي آهي؟

(٣) پارِي ڇا ٿو مِلي؟




٢. مَٽِڪي مان لَفَظَ ڳولھي خال ڀريو.

(١) آخرِ مونکي ڪائٹو ......................

(٢) ...................... جي ڪَرِيان تيارِي.

(٣) گھُمَڻَ ڦِرَڻَ لاءِ مَنُ ...................... ٿو.

٣. هَم آوازِي لَفَظَ ڳولھي لِکو.

[ ] ← چاهي، | ٻُڌائي → [ ]

## پاڙَ ڪَرِيان - پاڙَ سِکان

١. مِثالُ سَمجھِي ڪالمَ پوُرا ڪَرِيو.

| | |
|---|---|
| ٻُڌائي | ٻُڌائڻ |
| مچائي | ...................... |
| لِکائي | ...................... |

٢. توهانکي ڪَھڙِيوُن شيوُن ڪائِڻَ کان مَنع ڪَئِي ويندِي آهي؟

٣. اَچو تہ سوچيون.

جُمِلا پورا ڪَرِيو. شاگردَ جُدا جُدا جوابَ لِکِي سَگھَنِ ٿا.

(١) مَمِي چوي ...................... بندِ ڪَرِ.

(٢) پاپا چوي ...................... پڙھو.

(٣) ٽِيچرِ چوي ...................... لِکُ.

(٤) دوڪاندار چوي ...................... ڳَڻِ.

(٥) ٽِي.سي. چوي ...................... ڏيکارِ.

(٦) پيئڻ چوي ...................... ڪَڻُ.

۴. **لَفظَنِ جي اَنتاڪشريِ : لَفظَ جي آخريءَ ۾ ڏنل اَکر مان نوان پَنج ڇهه لَفظَ ٺاهِيو.**

**مثال :** مَن - نچ - چورس، ست - تارو

(١) دوست .... (٢) ڪارڊ .... (٣) سمايل .... (۴) جنم ....

**هدايتون :** ماسترشاگردن کي ڪويءَ جي ڪلپنا بابت ڳالهه ٻولهه ڪرائيندو ۽ شاگردن کي ڇا ڪرڻ وڻندو آهي اُن بابت پڇندو. ڪلاس ۾ لوڪ گيت ٻڌائي، اُن جا ڏکيا لفظ ۽ معنيٰ ڊڪشنريءَ مان ڳولهڻ لاءِ چوندو.



# وياڪرڻ

## فعل

(١) اَسان رانديڪا خَريدِ ڪريوُن ٿا. (خَريدِ ڪَرَڻ جو ڪَمُ)

(٢) راجَ اَنبُ ڪاڌو. (کائڻ جو ڪَمُ)

(٣) مُنهنجو دادا مُمبئي وَڃي رَهيو آهي. (وڃڻ جو ڪَمُ)

(۴) مون خَطُ لِکيو. (لِکڻ جو ڪَمُ)

(۵) دادا مونکي ڪئميرا ڏِني. (ڏيڻ جو ڪَمُ)

مَٿيَن جُملَنِ ۾ خَريد ڪرڻُ، کائڻُ، وَڃڻُ، لِکڻُ، ڏيڻُ، اِهي سڀ لفظَ 'ڪَمُ ڏيکارِيندڙ' لَفظَ آهِنِ. اِهڙَن لَفظَنِ کي 'فعل' چئِبو آهي.

اُهي لَفظَ جَنهنِ مان ڪَرَڻُ، هُئَڻُ يا سَهَڻَ جي معنيٰ نِڪري اُنکي 'فعل' چَئِبو آهي.

اُهي لَفظَ جي ٻڌائين ٿا تہ فاعل (ڪرتا) ڪهڙو ڪَمُ ڪيو آهي، تن کي فعل يا ڪِرِيا چَئِجي ٿو.

هينيَنِ جُملَنِ ۾ فعل چوُنڊيو :

(١) هُنَ ديس توڙي پرديس جو گهڻو ئي سَفَرُ ڪيو.

(٢) ليلاشاهه بِلڪُلُ سادو کائيندو هو.

(٣) هريجَنَنِ جي خوُبُ شيوا ڪَندو هو.

(۴) آديپور آشرم اَندرِ سَماڌي ٺاهي ويئي.

(۵) آديپور جو آشرم ياترا جو هِڪُ مَرڪَزُ بَڻجي پيو آهي.

# ٧. ڪِئلِي

پڙهو ۽ ڌيان ۾ رکو.



هِڪَ ڏِينهن ڪَمَلُ ماءُ جي چوڻَ تي ڪَبَٽ مان مِٺائِيءَ جو ڏَٻو ڪڍِي آيو. جيئَن ئِي ڏَٻو کولِيائين، تيئَن اُن مان ڪِئلِيُنِ جا ميڙَ ڏِسي وائڙو ٿِي ويو. پِڻس اِهو ڏِسي ڪَمَلَ کي پاڻَ وَٽِ سَڏَ ڪيو ۽ چَيائينسِ، پُٽَ اَچُ تہ مان توکي ڪِئلِيءَ بابت ڪُجهہ مَزيدار اَحوالَ ٻُڌايان.

ڪِئلِي آهي بَرابَرِ بِلڪُلِ نَنڍو جيوُ، پَرَ آهي ڏاڍو مَزيدار. اُن مان اِنسان گهڻو ڪُجهہ سِکي سَگهي ٿو.

ڪِئلِي تِرَ جيتري مَسَ آهي، پَر توکي ٻُڌِي عَجَبُ لَڳندو تہ سَندسِ نَنڍڙي سَرِيرَ ۾ ڇَهہ ٽَنگون آهِنِ. مُنهن وَٽِ ڪيس نوڪدار وارَنِ وانگُرُ ٻہ ڪَنڊا ٿِيندا آهِنِ، جِنِ جي وسِيلي هوءَ سِنگهِي سگهَندِي آهي ۽ اُنهَنِ ڏُواران هوءَ پَنهِنجو رَستو بہ لَهِي سَگهندِي آهي. ڪيسِ بہ اَکيون ۽ ٻہ پيٽَ ٿِيندا آهن. هِڪُ پيٽُ پَنهِنجي لاءِ ۽ ٻيو سَندسِ ساٿِيِنِ لاءِ. بِرَ ۾ پَهُچَڻَ کانپوءِ ٻِئي پيٽَ ۾ آندلَ مالُ ٻاهِرِ ڪَڍِي، اُتي جَمع ڪَري ٿِي، جو پوءِ اُهي گَڏِجِي کائين ٿِيون.

ڪِئلِيُون پَنهنجو گھرُ زَمين جي اَندر، وَڻَن جي پاڙَ يا پِتِيُن ۾ ناهِينديُون آهن.
جيتوڻيڪ سَندن بِرُنَدِو آهي، پَرَ اُهو سَندن لاءِ ڪافِي وَڏو آهي. اُن جي اَندر ڪيترا ياڳا
ٿِيَن ٿا. اُنهن مان هِڪ راڻي ڪِئلِي رَهِي ٿِي. جَنهن جو ڪَمُ آهي آنا لاهِڻُ، ٻِئي ۾ هوءُ
پَنهنجو کاڌو جمع ڪَن ٿِيون. اَهڙيءَ طرح ڪِئلِيُون پَنهنجي گھرَ ۾ پوري اِنتظام ۾ رَهَن
ٿِيون.

ڪِئلِيُن ۾ ڏاڍو ميلاپُ ٿِئي ٿو. هِڪ ئي بِرَ ۾ هزارين ڪِئلِيُون گَڏجِي رَهن ٿِيون. تو ڏِٺو
هوندو تہ جَڏهن ڪا شيءِ ڀُوري هوُندِي آهي تہ اَنيڪ ڪِئلِيُون گَڏجِي، اُن شيءِ کي گِهلي
کَڻِي وينديُون آهن.

هوُ هَرڪو ڪَمُ پاڻَ ۾ ورهائي ڪَنَّديُون آهن. اُنهن مان ڪي گھمِي ڦِري، سَيِنِي لاءِ
کاڌو گَڏ ڪَندِيُون آهن، ڪي چوڪيدار وانگرُ پَنهنجي بِرَ تي پَهرو ڏينديُون آهِن ۽ ڪي
وَرِي ٻَچن جي پالنا ڪَندِيُون آهن.

ڪِئلِيُن ۾ سَڀ ڪان وَڏو گُڻ آهي مِحنَت ۽ اوَرچائِي. هوُ سَدائين مِحنَت ڪَنديُون
رَهن ٿِيون ۽ ڪَڏهن بہ سُست نہ ٿِيُون رَهن. هوُ سِياري ۾ بَرساتِ جي مُند لاءِ کاڌو گَڏ ڪَري
رکن ٿِيون.

ڪِئلِيُن جي سِنگھَڻ جي شَڪتِي تَمامُ تيز ٿِيندِي آهي. ڪِتي بہ ڪا مِنِي شيءِ
رکيلَ هوُندي آهي تہ ڪين اُن جي پَري ڪان ئي بانسَ ايندي آهي. پوءِ سَوَن جي تَعداد ۾ اُن
شيءِ تي اَچِي مِڙَنديُون آهن. هوُ هَميشهہ قطارَ ۾ هَلَنديُون آهن ۽ ٿوري ئِي عرصي ۾ اِشارَن
وَسيلي هِڪ ٻِئي کي سَنديشو پَهچائينديُون آهن.

ڪِئلي جيتوڻيڪ آهي تَمام نَنڍڙو جيوُ پَرَ اِنسان اُن مان ڪيترائِي گُڻ سِکي سَگھي
ٿو. جِهڙوڪ سَنگھٽَن، هِڪ ٻِئي لاءِ سَهڪارَجي ياوَنا، مِحنَت ۽ اَورچائِي وغيرهہ.



هدايتون: ماستر ڪئليءَ بابت ٻالھ ٻولھ ڪرائي اُن جي قسمن بابت پنهنجو آزمودو ٻُڌائڻ لاءِ چوندو. لئبرريءَ ۾ الڳہ الڳہ قسمن جا ڪتاب جيئن تہ ٻال ساهتيہ، پنچ تنتر وغيرهہ جا ڪتاب وني پڙهڻ لاءِ چاهہ پئدا ڪندو ۽ وٽيل ٻالھ ڪلاس ۾ ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.

## اَچو تہ ڳالھ ٻولھ ڪريون ۽ لِکون.

۱. جواب ڏيو.

(۱) ڪئليءَ جي بناوت سمجھايو.

(۲) راڻي ڪئليءَ جو ڪھڙو ڪم آهي؟

(۳) جدا جدا ڪئلين جا جدا جدا ڪم ٻڌايو.

۲. خاڪو پورو ڪَريو.

ڪِئلِيءَ جا گُڻ

۳. ڪِئلِيءَ جا گُڻ تہ توهان پڙهِيا. هيٺيَنِ مان سُنا گُڻ چُونڊي هرهِڪ تي هِڪُ هِڪُ جُملو ٻُڌايو.

اِيمانداري، هِمَٿ، نَفرَت، سَهڪارُ عزَت، صَبرُ ڏِکھو،
مَهرِباني مِچِڻُ، هَمدَردِي، لَڙائِي، وَفاداري

۴. هيٺيون چِترُ ڏِسو ۽ آڪاڻِي ٺاهِيو.

(۱)



(۲)






## پاڙ ڪَريان - پاڙ سِکان

### ۱. لئبرريءَ ۾ وَڃي هيٺيَن جاڻ حاصِل ڪَريو.

(الف) (۱) لئبرري رِجسٽر (۲) ڪِتابَن جي وِرهاسَت

(۳) لئبرريءَ جا نيَمَ

(ب) ڪو بہ ڪِتابُ پڙهو :-

(۱) اِن ڪِتابَ جو اَڳيون، پويون صُفحو جاچيو.

(۲) اَگهہ، ليکَڪ جو نالو، ڪِتابُ ڇپائيندڙ جو نالو.

اِها جاڻ گَڏُ ڪَري هيٺ ڏِنل تَختو پورو ڪَريو.

| | |
|---|---|
| اَڳيون صُفحو | |
| پويون صُفحو | |
| سال | |
| ڪُلُ صُفحا | |
| ڪُلُ بيتَ | |
| ڪُلُ سَبَق | |
| اَگهہ | |

### ۲. هيٺ ڏنل اَخبار جي رِپورٽ پڙهو ۽ سوالن جا جواب لِکو.

نومبر ۱۸، پُٽي،

ڪالهہ مهاراشٽرا ٻال ڀارتيءَ ۾ سنڌي ڪتابن جو نمائُ رکيو ويو. ٻال ڀارتي ڊائريڪٽر نمائُ جو مهورت ڪندي ڪتابن جي اهميت سمجهائي. مشهور ليکڪن، شاعرن، ساهتيڪارن جا ڪتاب رکيا ويا. ڪيترن ماڻهن ڪتاب خريد ڪيا.

(الف) ۱) ڪَهڙي شهرَ ۾ ڪتابن جو نمائُ رکيو ويو؟

۲) ڪتابن جو نمائُ ڪهڙي تاريخ رکيو ويو؟

۳) نمائُ جو مهورت ڪنهن ڪيو؟

(ب) اَهڙي نموني 'مُنهنجي اِسڪوُل جو ساليانو جلسو' تي خبر نامو لکو.

# ٨. راجا ڪَنهنِ ٽي اَنبُ چِلِيو

ٻُڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.



راجا ڪَنهنِ ٽي اَنبُ چِلِيو،
ڪَپَ سان سَندسِ هَٿُ وَڍِيو.
چَيو وَزِيرَ تہ پولو ناهي،
اُن مَنجهِہ بہ ڪا ڀَلائِي آهي.
راجا وِيٺو هو ڏِمريو،
تَنهنِ وَزِيرَ کي قيدِ ڪَيو.
هِڪَ ڏِينهنُ راجا ٿِيو تَيارُ،
ڪَرَڻَ اَڪيلو هَلِيو شِڪارُ.

تَپَڙَ لَڳو ٿي ڏِينهن تَڏهن،
وَڻَ جي چانوَ هيٺِ سُمهِيو تَڏهنِ.
ڀِيلَنِ جو بہ ڪو هو سَردارُ
ڪوڙهَہ ڪان ٿِيو هو سو بِيمارُ.
ڏُسُ مِلِيُس تان هَٿِ ڪَرِ ڪو،
چاڪُ هُجي جو ماڻهوُ سو.
دَوا اُنهيءَ مان عُمِدي ٿَهَندي،
بِيمارِي پڻُ تُنهِنجي لَهَندي.
تَنهنِ تي ڳولها هَلي گهَٽي،
راجا کي وِيا ڀِيلَ ڪَٽِي.
ڏِسي هَٿُ وَڍِيَلُ تَنهنِ لاءِ،
وَري چَڏي وِيَس ساڳِيءَ جاءِ.
هُجي نہ ها جي هَٿُ وَڍِيَلُ،
ڪِين چَڏِينِ ها ڀِيلَ تَنهنِ کي.
کَڍِي وَزِيرَ کي بَندِ مَنجهان،
چَيائِين : ’صَدِقي ڏَٽيءَ ٿِيان‘.
ڏَٽِي جوڙِي ٿو پڻِ جيڪا،
چَڱِي بِلاشَڪِ آهي سا.



## اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لِکون.

### ا. سِٽون پڙهو ۽ عملِي ڪَمُ پورو ڪَرِيو.

راجا ڪَنهِن ٽي اَنبُ چِليو،
ڪَپِ سان سَندسِ هَٿُ وَڍِيو.
چَيو وَزيرَ تہ ڀولو ناهي،
اُن مَنجهِہ بہ ڪا ڀَلائي آهي.
راجا وينو هو ڏِمِريو،
تَنهِن وَزيرَ کي قيدِ ڪَيو.



(ا) خاڪو پورو ڪَرِيو.

ٻہ ساهوارا

(٢) هِڪَ لَفَظَ ۾ جواب لِکو.

١) هِڪُ ميوو - ______

٢) هِڪُ بَدَنَ جو عضوو - ______

(٣) سِٽُنَ مان مُناسب لَفَظَ ڳولهي خال ڀَرِيو.

١) راجا ........................ کي قيد ۾ رکيو.

٢) اَسان کي سِيني جي ........................ ڪَرَڻُ گهُرجي.

٣) ........................ اِستعمال ڪَرَڻَ وقت خَبرِداري وَٺَڻُ گهُرجي.

## وياڪرڻ - واڪ جون نشانيون (’’ ‘‘)

جملي ۾ ڪنهن ڳالهائيندڙ جا ساڳيا لفظ ڪم آڻڻ وقت واڪ جون نشانيون (’’ ‘‘) ڪم آڻبيون آهن.

١) رام چيو، ’’مان ديش جي شيوا ڪندس.‘‘

٢) هريش ماءُ کي چيو، ’’اَمان، مان اِسڪول وڃِي رَهيو آهيان.‘‘

هدايتون : ماستريا آکاڻين وارا بيت ٻارن کي ٻُڌائيندو. گهر مان هڪ ننڍي آکاڻي لکي اَچي ۽ ڪلاس ۾ ٻڌائڻ لاءِ چوندو. ڪين لفظن ۽ اُن جي معنيٰ لئبرري ۾ مان ڊڪشنري وٺي ڳولهڻ لاءِ چوندو.

# ٩. صَحيح چوُنڊَ

پڙهو ۽ سمجهو.

**ڪِردار** : (۱) ڪُٽُنب جا ٽي ڀاتي ڪملا (ماءُ)، پرسرام (پيءُ) ۽ راڌا (ڌيءُ)
(۲) ٽي بزرگ

دِرشيہ پهرِيون

**وقت** : صُبح جو ۱۰ بجي
هڪ ڳوٺ جو نظارو

(پردو کُلَڻ وقت هِڪ ڳوٺ جو نظارو اَچِي رَهيو آهي. هِڪ گهرَ جي اَڱَڻ ۾ هِڪ ڇوڪري رانڊِ ڪري رَهي آهي. اَندران ماءُ جي سَڏ جو آواز اَچي ٿو.)

**ڪملا** : راڌا! راڌا! ڪيڏانهَن پيئي گهمين. جَلدِي اَچُ. اِسڪوُل جو وَقتُ ٿي رَهيو آهي.

**راڌا** : اَمان، اَچان ٿي.

(راڌا گهرَ اَندرِ اَچي ٿي ۽ اِسڪوُل وَڃڻَ لاءِ تياريءَ ۾ لَڳِي وَڃي ٿِي، دروازي تي ٺَڪ ٺَڪ ٿِئي ٿِي. راڌا ڊُڪندي ڊُڪندي وَڃي دَروازو کولي ٿِي.)

**راڌا** : اَمان! جَلدِي اَچُ، مَهمانَ آيا آهِن.

(ماءُ دَروازي وَٽ اَچِي ڏِسي ٿي تہ ٽي بُزرگَ بيِنا آهِن. اُنهَنِ جي چِهري تي عَجيب چِمڪَ هُئِي، اَکِين ۾ تيجُ هو.)



**ڪملا** : اَچو، اَچو ڀَلي ڪَري آيا.

**هِڪُ بُزرگُ** : اَسين اَندر نہ ايِنداسين. گهرَ جي وَڏي کي سَڏُ ڪريو.

كملا : هي تہ كمَرتي ويا آهِن. شام جي وَقتِ موٽندا.

ٻيون بُزرگ : نيڪ آهي، اَسان سامهون ٻڙ جي وَڻ هيٺان وَجي ويهون ٿا. شام تائين هُن جو اِنتظار ڪنداسين.

(ڪملا تيرس ظاهر ڪندي اَندر هَلي وَجي ٿي)



دِرشيہ ٻيون

وقت : شام جا ٦ بجا

(گهر جو وَڏو پَرسرام پَنهنجي گهرِ واپَس اَچي ٿو. ڪملا کيس صُبح واري سَرٻستي ڳالهہ ٻڌائي ٿي. پرسرام، ڪملا کي ڪيِن سَڏُ ڪرَڻَ لاءِ چوي ٿو. ڪملا ٻڙ جي وَڻ تائين وڃي ڪيِن گهرَ ۾ اَچَڻَ جي دعوتَ ڏِئي ٿي.)

ٻيون بُزرگ : اَسان ٽيئي گَڏجي تہ هَرگِز اَچي نہ سگهنداسين. هي پهريون بُزرگ 'مِلڪيَت' آهي، ٻيو بزرگ 'ڪاميابي' آهي ۽ مان 'پيار' آهيان. توهان گهرَ جي وَڏي کان پُڇو تہ توهان اَسان ٽنهي مان ڪنهِن کي چوُنڊيو ٿا.

(ڪملا اَندر اَچي گهوٽَ کي سَچي ڳالهہ ٻڌائي ٿي.)

پرسرام : اَڙي واهہ! مان تہ چاهيندُس تہ اَسانجي گهرَ ۾ ڪاميابي اَچي. ڪاميابيءَ سان اَسان سَڀني جو هَرطَرف ناموس وَڌندو. تَڪڙو وَڃُ ۽ ڪاميابيءَ واري بُزرگ کي گهرِوَني اَچُ.

**ڪملا** : توهين ڇا پيا چئو؟ اَڄُ جي زَماني ۾ پيسو ئِي سَڀُ ڪُجهُہ آهي. مان تہ مِلڪيَت واري بُزرگَ کي گهرونِي ٿِي اَچان. اَسان جي گهَرَ ۾ هڪُ دَفعو مِلڪيَت اَچِي ويندي تہ هِنَ نَنڍڙي گهَرَ کي ڀَڃائي بَنگلو ٺهِرائيندا سِين. زيور ٺهِرائيندا سِين. نوان نوان سامان خرِيدِ ڪَندا سِين.

**پرسرام** : نِيڪ آهي، مِلڪيَت واري بُزرگَ کي ئِي وَٺِي اَچُ.

**راڌا** : نہ بابا نہ، ڪاميابِي ۽ مِلڪيَت کان وَڌيڪ اَهمِيَت وارو آهي پيارُ. اِنڪري مان تہ پياروارِي بُزرگَ کي وَٺِي ٿِي اَچان.

**پرسرام** : ڪملا، اَسان جِي راڌا سَچُ چَئِي رَهِي آهي. پيار ۾ ئِي وَڏِي شَڪتِي آهي. اَسان جي گهَرَ ۾ پيار اِيندو تہ سَهڪارُ اِيندو ۽ اُن سان خوشحالِي پڻ اِيندِي.

**ڪملا** : مان توهانجي ڳالهِہ سان سَهمَتِ آهِيان. اَسانجو فرضُ آهي تہ قُدرَت جي سَڀِني پِراڻين سان پيار ڀَريو وَرتاءُ ڪَرِيون. ڀَسُنِ ۽ پَکيُنِ تي دَيا ڪَرِيون، تَڏهِن ئِي اَسانجو جيِون سَڦلِ ٿِيندو. راڌا جو رايو بِلڪُلِ نِيڪ آهي. توهان پياروارِي بُزرگَ کي گهرِوَٺِي اَچو.

(پرسرام ٻَڙ جي وَڻ هيٺان ويٺلِ بُزرگَنِ ڏانهن وَڃي ٿو.)



**پرسرام** : مون ۽ مُنهنجي گهرَ جي ڀاتين اِهو فيصلو ڪيو آهي تہ پيار واري بُزرگَ کي گهرَ ۾ گهرائِڻُ گهرجي. اِنڪري مان پيار واري بُزرگَ کي وَٺَڻ آيو آهيان.

(اِهو ٻُڌي پيار وارو بُزرگُ پرسرام سان گڏ هَلَڻَ لاءِ تيار ٿِئي ٿو. پيار واري بُزرگَ جي هلڻ تي ملڪيت وارو بزرگ ۽ ڪاميابيِ وارو بُزرگ پڻُ پُٺيان هَلَنِ ٿا. اِهو ڏِسي پرسرام حيرتَ ۾ پئجيِ وڃي ٿو.)

**ٽيون بُزرگ** : توهان عجب نہ کائو جتي بہ مان ويندو آهيان، مُنهِنجا هي ساٿي پُٺيان ضرور ايندا آهِنِ.

## اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لِکون.

۱. جواب لکو.

(۱) راڌا، دروازو کولڻ تي ڇا ڏٺو؟
(۲) پرسرام ڪهڙي بزرگ کي گهروني اَچڻ جي اِڇا ڏيکاري؟
(۳) ڪملا ملڪيت واري بزرگ کي وني اَچڻ چو ٿي چاهيو؟
(۴) گهر ۾ پيار اَچڻ سان ڇا ٿيندو؟
(۵) اَسانکي سيني سان ڪهڙو ورتاءُ ڪرڻ گهرجي؟

۲. ڪنهن ڪنهنکي چيا آهن.

(۱) ”اَسين اَندر نہ ايِنداسين.“
(۲) ”اَڄ جي زماني ۾ پيسو ئي سڀُ ڪُجهہ آهي.“
(۳) ”مان توهانجي ڳالهہ سان سَهمَت آهيان.“

۳. هينيان اِصطلاح ۽ اُن جي معنيِ جا جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| (۱) دعوت ڏيڻ | ۱) ساراهہ ٿيڻ، ناميارو ٿيڻ |
| (۲) سَهمَتِ ٿيڻ | ۲) عجب ۾ پوڻ |
| (۳) ناموس وٺڻ | ۳) نينڊ ڏيڻ |
| (۴) حيرت ۾ پئجي وڃڻ | ۴) شامل راءِ ٿيڻ |

۴. ليڪ ڏنل لفظ بدران مناسب اصطلاح سبق مان ڳولهي لکو.

(الف) سرڪس ۾ چمتڪار ڏسي مان عجب ۾ پئجي ويس.

(ب) مان توهان جي فيصلي سان شامل راءِ آهيان.

(ٻ) جنم ڏينهن جي موقعي تي مان دوستن کي گهر اَچڻ جي نِينڊ ڏني. ________

۵. 'اِسم' ۽ 'صفت' سمجهِي چؤُڪندن ۾ مناسب جواب لِکو.

| اِسم | صفت | اِسم | صفت |
|---|---|---|---|
| اِسڪول | اِسڪوُلِي | چمڪ | ________ |
| ________ | وقتائتو | پيار | ________ |
| ________ | ڪامياب | تڪڙ | ________ |

۶. 'مان ڪير آهيان؟' گول مان مناسب لفظ چونڊيو.

(الف) مان سچ ڳالهائيندو آهيان.

مهربان، سست، سچار

(ب) مان ٻين جي مدد ڪندو آهيان.

ٻلوان، مددگار، ايماندار

(ٻ) مان اِسڪول جا نيم پاليندو آهيان.

حليِم، سُنو، جوابدار

(پ) مان لڌل پئسا ماسترڪي ڏنا.

ڪوُڙو، ايماندار، صاف

(ڀ) مان ڪلاس ۾ ماسترڪي ڏيان سان ٻُڌندو آهيان.

محنت ڪندڙ، سُنو ٻُڌندڙ، اَحساسي

### ۷. خاڪو پورو ڪريو.

| | | |
|---|---|---|
| نالا | پيءُ جو | |
| | ڏيءُ جو | |
| | ماءُ جو | |

### ۸. ٽڪر پڙهي سُهڻن اکرن ۾ لِکو ۽ ڏنل مشغوليون پوريون ڪريو.



سنت ونوبا ڀاوي جو جنم ١١ سيپٽمبر ١٨٩٥ع ۾ مهاراشٽر جي ’گاگودا‘ ڳوٺ ۾ شري نرهر ڀاوي جي گهر ٿيو. سندس جنم جو نالو ونايڪ هو. پوڄنيہ مهاتما گانڌي هن کي پيار وچان ’ونو‘ سڏيندو هو. ’ونو‘ مان سندس نالو ونوبا پئجي ويو. سندس ماتا پتا ٻئي ڏاڍو ڏاڍي ڌارمڪ پرورتيءَ وارا شخص هئا، جنهنجو اَثر ونوبا تي پيو.

سنت ونوبا تياڳ، تپسيا، سيوا، سادگي، سچائي ۽ پريم جي ساڪيات صورت هئا. هوُ وشوَ شانتيءَ جا پوڄاري هئا. بابا جن پريم شانتيءَ سان ڀودان يگيہ جي هلچل هلائي ماڻهن جي من ۾ ڦيرو آندو.

(١) سنت ونوبا ڀاوي جو جنم ڪڏهن ۽ ڪٿي ٿيو؟

(٢) سنت ونوبا تي ونوبا نالو ڪيئن پيو؟

(٣) سنت ونوبا جا گُڻ لِکو.

(۴) ونوبا ڪهڙو يگيہ هلائي ماڻهن جي من ۾ ڦيرو آندو؟

هدايتون : ماستر ڪلاس ۾ ڪردار چوندي سبق ناٽڪ جي روپ ۾ پيش ڪرائيندو. سُنن گُڻن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪرائيندو. اڻ ڄاتل لفظن جي معنيٰ ڊڪشنريءَ مان ڳولهي اُنهن جا جملا تيار ڪرڻ لاءِ چوندو. لئبرريءَ مان ديش ڀڳتن جا ڪتاب وٺي پڙهڻ لاءِ همٿائيندو.

# ١٠. لوڻ جي اهميت

پڙهو ۽ سمجهو.





سنسار ۾ لوڻ جي وڏي اهميت آهي. لوڻ آهي سواد جو سرتاج. لوڻ کان سواءِ سڀ شيون ڦڪيون ۽ بي سواد ٿين ٿيون. هڪ راجا هو. جنهن کي ٻه راجڪماريون هيون. راجا انُهن کي بيحد پيار ڪندو هو. هڪ ڏينهن راجا راجڪماريءَ کي سڏي پڇيو، ”پٽ تون مونکي ڪيترو ٿي پيار ڪرين؟“ راجڪماريءَ چيس تہ ”بابا مان توهان کي ايترو ٿي پيار ڪريان جيترو لوڻ کي.“ راجا کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي. سمجهائين تہ هيءَ منهنجي بي عزتي ٿي ڪري. وري ٻيءَ راجڪماريءَ کان پڇيائين، ”پٽ تون مونکي ڪيترو ٿي پيار ڪرين؟“ راجڪماريءَ وراڻيو، ”بابا مان توهان کي ايترو ٿي پانيان جيترو سمنڊ ۾ لڪل خزانن کي.“ بس خزاني جو نالو ٻڌي راجا ٺري پيو ۽ چيائينس، ”شاباس! هان وٺ. هيرا جواهرِاهو تنهنجو انعام آهي.“ پهرين راجڪماريءَ کي ديش نيڪالي ڏني ويئي.

انُهن ڏينهن ۾ هڪڙو ڏاهو ۽ بزرگ انُهيءَ شهر ۾ رهندو هو. تنهن کي اِها خبرپيئي،

دل ۾ سوچيائين تہ اِهو تہ سراسر انرٿ آهي. راجا کي اِئين ڪرڻ نہ جڳائي. سو اَچي دربار ۾ سهڙيو. راجا کيس پاڻ وٽ گهرايو ۽ هن بزرگ کان دربار ۾ اَچڻ جو سبب پڇيو. بزرگ راجا کي چيو، ”جيئَندا قبلا! حقيقت ۾ پهرين راجڪماري توهان کي وڌيڪ ٿي پيار ڪري. لوڻ کي اَسين گهٽي ۾ گهٽو پيار ڪندا آهيون. اَچ کان وٺي هڪ هفتو ڪاڏي ۾ لوڻ واپرائڻ بند ڪريو ۽ پوءِ توهان کي پروڙ پئجي ويندي“ راجا سمجهيو تہ هيءُ بزرگ ڪو مورکہ ٿو ڏسجي. تنهن هوندي بہ دل ۾ چيائين تہ ائين ڪري تہ ڏسان. سو لوڻ کائڻ بند ڪيائين. هڪ هفتو ڦڪو کائي اچي تنگ ٿيو. سو لاچار ٿي حڪم ڪيائين تہ اَڳتي ڪاڏي ۾ لوڻ وڌو وڃي. راجا ڏاڍو شرمندو ٿيو. محسوس ڪيائين تہ اِها لوڻ چپٽي ڪهڙي نہ قيمتي آهي. جنهن جو قدر هيرن جواهرن کان بہ وڌيڪ آهي.

هاڻي پهرين راجڪماريءَ جي ڳولها ڪرائڻ شروع ڪيائين. نيٺ راجا جي ماڻهن راجڪماريءَ کي ڳولهي لڌو. هوءَ هڪ جهنگل ۾ هڪ سنياسيءَ جي اَجهي ۾ وڃي رهي هئي. راجا ڌيءَ کي گهرايو ۽ پنهنجي ورتاءُ لاءِ پڇتاءُ ظاهر ڪيائين، کيس اوچا سنا ڪپڙا ڳهڻا پهرائي محلات ۾ رهايائين.



هدايتون : ماستريارن کي نوان لفظ ڳولهڻ لاءِ چوندو ۽ گهر مان هرهڪ لفظ جي معنيٰ ۽ جملو لکڻ لاءِ چوندو.

اهڙي قسم جو ٻيو ڪو قصو لئبريريءَ مان ڪتاب وٺي پڙهي ڪلاس ۾ ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.





١. اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪَريون ۽ لِکون.

(١) راجا پنهنجن ڌيئرُن کان ڪَهڙو سوال پڇيو؟

(٢) ٻنهي ڌيئرُن ڪهڙو جواب ڏنو؟

(٣) راجا ننڍيءَ ڌيءَ کي ڇو شهر نيڪالي ڏني؟

(۴) بزرگ راجا کي لوڻ جي اَهميت ڪيئن سمجهائي؟

٢. ڪاڏي ۾ لوڻ جي اَهميت بابت پنهنجا ويچار ظاهر ڪريو.

٣. هيٺ ڏِنل چؤڪُنڊي مان مناسب شيون چونڊي خاڪو پورو ڪَريو.



لوڻ، رس گُلو، لِيمو، نِمِ، چِپسِ،
ڪٽاڻ، ماکي، ڪريلو، اَنبڙي،
ڪَنڊُ، ڳدامِڙي



| شيون | | سواد | | شيون |
|---|---|---|---|---|
| | | ڪتو | | |
| | | ڪارو | | |
| | | مِنو | | |
| | | ڪؤڙو | | |

٤. اَچو تہ راند ڪريون.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | ١ اَکيون | ٢ دونهون | ٣ ڪوُڙ | |
| ٤ رفتار | ٥ وڏو | ٦ ڪن | ٧ ڊپُ | ٨ سنيال |
| ٩ دروازو | ١٠ ڪبوتر | ١١ گئس سلينڊر | ١٢ ياتري | ١٣ ميڻ بتي |
| ١٤ ڪنڊ | ١٥ دارجلنگ | ١٦ ڊڪشنري | ١٧ ڪڙمي | ١٨ اوچائي |
| ١٩ سوڪڙي | ٢٠ لئبرري | ٢١ وئڪيشن | ٢٢ خوبصورت | ٢٣ جبل |
| ٢٤ خزانو | ٢٥ ڀارت | ٢٦ ڏاهو | ٢٧ گفتگو | ٢٨ آسيس |
| ٢٩ لوڻ | ٣٠ سنسار | ٣١ راجا | ٣٢ پيار | ٣٣ ڪاوڙ |
| | ٣٤ ڳاڙهو | ٣٥ اَنبُ | ٣٦ پيندِي | |

ماستر اهڙي نموني چارٽ ٺاهي ٻارن کان هيٺ ڏنل سوال پڇي راندِ ڪرائيندو، لَفظَ ڳولهائيندو. اَهڙي نموني ٻيا سوال پڇندو.

(١) سچ جو ضد
(٢) 'سياڻو' لاءِ لفظُ
(٣) ست ڏينهن
(٤) هِڪُ انگريزي لَفظُ
(٥) هڪ ميوي جو نالو
(٦) هِڪُ رنگُ
(٧) هِڪُ ڀَهاڙي اِسٽان
(٨) اَسان جي ديش جو نالو
(٩) ياترا ڪندڙ
(١٠) هِڪُ پکي

٥. سِٽون پڙهو. اِسم، ضمير، صفت ۽ فعل لاءِ مناسب متبدل جواب چونڊيو.

راجا ڏاڍو شرمندو ٿيو. محسوُس ڪيائين تـہ اِها لوڻ چَپٽي قيمتي آهي.

(١) راجا : (الف) اِسم (ب) ضمير (پ) صفت
(٢) محسوُس ڪيائين : (الف) ضمير (ب) اِسم (پ) فعل
(٣) قيمتي : (الف) فعل (ب) ضمير (پ) صفت
(٤) آهي : (الف) فعل (ب) ضمير (پ) صفت

٦. هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو.

| جملو | هاڪاري | ناڪاري | سوالي | عجبي |
|---|---|---|---|---|
| (١) سنسار ۾ لوڻ جي وڏي اَهميت آهي. | ✓ | × | × | × |
| (٢) پَٽ تون مونکي ڪيترو ٿي پيار ڪرين؟ | | | | |
| (٣) شاباس! توهان سُٺو ڪم ڪيو آهي. | | | | |
| (٤) رام خط جو جواب نـہ ڏنو. | | | | |
| (٥) توهان ڪالهہ جي اخبار پڙهي؟ | | | | |
| (٦) مونکي ڊڪشنري ۾ مان لفظ ڳولهڻ وڻندو آهي. | | | | |
| (٧) ڇا توهان لوڪ ڪهاڻيون پڙهندو آهين؟ | | | | |
| (٨) واهه! تو تـہ ڪمال ڪري ڇڏيو. | | | | |
| (٩) برسات سبب ڪالهہ مئچ نـہ ٿي. | | | | |

# ۱۱. سچُ

ٻُڌو ۽ اَداڪاريءَ سان ڳايو.



سَچَ جي ٻيڙي چَڙهُ تون ٻار!
پهچي ويندين هردم پار.

سچ تي صاحب آهي راضي،
ڪڍج نہ ڪنهن ٻئي جي موٿاجي،
ڪندو ڪرپا توتي ڪرتار،
سچ جي ٻيڙي چڙهہ تون ٻار!

سچ جي ٻيڙي لُڏي لُڏي ٿي،
ڪين ڪڏهن پر ٻُڏي ٻُڏي ٿي،
ٿيندءِ راکو رب ستار
سچ جي ٻيڙي چَڙهہ تون ٻار!

ڪوڙ جي ڏُک آهي ڪُڏ تائين،
سچ کي سوڀَ ملي ٿي سدائين،
ڪوڙ جي ٿئِي کهڙي درڪار؟
سچ جي ٻيڙي چَڙهہ تون ٻار!

ڪوڙ کان هردم ڪر ڪِنارو،
سچ جو ”آشا“ وَنِج سهارو،
سائين هردم لَهندُءِ سار
سچ جي ٻيڙي چَڙهہ تون ٻار!

## ١. اَچو تہ ڳالھہ ٻولھہ ڪريون ۽ لِکون.

(١) ٻارڪي ڪھڙيءَ ٻيڙيءَ ۾ چڙھڻ لاءِ چيو ويو آھي؟

(٢) سچ تي ڪيرُ راضي ٿئي ٿو؟

(٣) سَدائين سوپ ڪنھن کي مِلي ٿِي؟

(۴) اِسانکي ڪنھن کان ڪِنارو ڪَرڻُ گھُرجي؟

## ٢. ساڳيءَ معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| (١) سوپ | سنڀال |
| (٢) راکو | ضرورت |
| (٣) سارُ | رکپال |
| (۴) دِرڪارَ | ڪاميابي |

## ٣. چؤڪُنڊي مان مناسب جواب ڳولھيو.

سچ، ڪرتار، سدائين، درڪار، رب،
ڪوڙ، ڪِنارو، سھارو، تائين، راکو، ھردم

(١) ھَم آوازي لفظن جو ھِڪُ جوڙو = ________ ۽ ________

(٢) ’ايشوَرَ‘ لاءِ ٻہ لَفظَ = ________ ۽ ________

(٣) ’رَ‘ اکر سان شروع ٿيندڙ لَفظَ = ________ ۽ ________

(۴) ساڳيءَ معنيٰ وارا لَفظَ = ________ ۽ ________

## ۴. ھيٺ ڏنل چِتر سُڃاڻو ۽ نالا لکو.






**ھدايت :** ماسترڪويءَ جي ڪلپنا موجب سچ ۽ ڪوُڙ بابت گفتگو ڪرائيندو، جنھن ۾ آخرسچ جي جيت ٿئي ٿي ۽ ’سچ‘ تي مدارڪندڙ ھڪ آکاڻي لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

# ١٢. مٺا ٻول

پڙهو ۽ ڌيان ۾ رکو.

(رستي جو نظارو. منومل هوڪو ڏيندي ماکي وڪڻي رهيو آهي ....)

**منومل :** (ڪهري آوازسان) ماکي وٺو ماکي ....... سَستي سُٺي ماکي ......
(هڪڙو گراهڪ هن وٽ اچي ٿو.)

**گراهڪ :** ماکيءَ جو اَگهُه ڪيترو آهي؟

**منومل :** ١٥٠ رپيا هڪ شيشو.

**گراهڪ :** ١٥٠ رپيا !! اِهو تہ مهانگو آهي.

**منومل :** (رُکائيءَ مان) ماکي ٿو وٺين يا سون ٿو ڇُڪائين؟

**گراهڪ :** وٺڻي آهي اِن ڪري تہ پُڇان ٿو.

**منومل :** (خفي ٿي) تہ پوءِ اگهُه ڇو ٿو پُڇين؟ منهنجو وقت وڃائڻ لاءِ؟



گراهڪ : ڀلا مان ڇو تنهنجو وقت وڃائيندس؟ مونکي تہ ماڪي کپي.

منوُمل : (ڇرڪ وڃان) تہ پوءِ وٺين ڇو نہ ٿو؟

گراهڪ : اَگهہ تہ ڪونہ ٻڌايئہ!

منوُمل : (کهرائيءَ سان) وري اَگهہ ٿو پڇين؟ ڏس ماڪي وٺڻي هجيئي تہ وٺ نہ تہ وڃُ پنهنجي رستي تي ....

گراهڪ : وڃان ٿو ڀائي، وڃان ٿو. اَجايو ڇڙُ نہ. ماڪي ٿو وڪڻين ڪين مرچ؟

منوُمل : (غصو ڪندي) مان ماڪي وڪڻان. مرچ وڪڻان يا ڪٽي ڪوُڙو تيل وڪڻان. تنهن ۾ تنهنجو ڇا؟

گراهڪ : ڇڱو باباڇڱو. جيڪو وٽيئي سو وڪڻُ بس!

(ماڻهوُ اُتان هليو وڃي ٿو.)

منوُمل : (ڀُڻ ڀُڻ ڪندي) ڇا تہ ماڻهو آهن! جيڪو ٿو اچي سو ٿو صرف پُڇي. وٺي تہ ڪوئي بہ ڪونہ ٿو صبح کان ويٺو آهيان. منجهند اَچي ٿي آهي. ٻهٽي بہ ڪانہ ڪئي اَٿمِ. رڳو سيني ماڪيءَ جو اگهہ ٿي پڇيو. هڪڙي گراهڪ تہ ماڪي چکي بہ ڏٺي. ڇيائين تہ ماڪي تہ مٺي آهي. پر پوءِ اُٿي ڀڳو. ڇي ڪيسي ۾ پئسا ڪونهن. (زورسان هوڪو ڏيندي) ماڪي وٺو ماڪي .......

(پريان ڪلوُمل ايندو نظر اَچي ٿو.)

ڪلومل : (ويجهو اَچي) مِنوُمل رام رام.

منوُمل : رام رام..........

ڪلومل : ماڪي پيو ٿو وڪڻين نہ؟

منوُمل : ها ڪلوُمل، ماڪي تہ ڪٽي آيو آهيان پر وٺي ڪوئي ڪونہ ٿو! صبح کان هڪڙو بہ گراهڪ ڪونہ مليو آ.

ڪلومل : (کلندي) يار منوُمل گراهڪ وري ڪٿان ملندءِ؟

منوُمل : ڇو؟ ڇا ٿيو آ؟ ماڻهو ماڪي نہ ٿا وٺن؟

ڪلومل : وٺندا تہ سهين، پر توکان ڪونہ وٺندا.

منوُمل : ڇو؟ ڇو نہ وٺندا مون کان؟

**کلومل** : چو تہ تون ڏاڍو چيڙاڪ آهين. گراهڪن کي چڙبوُن تو ڏئين. نالو تہ تنهنجو مِنوُمل آهي، پروات مان چڻ الُاٽ پيو تو ڪدين!

**منوُمل** : (چڙوچان) ڇا چيئہ؟ منهنجي وات مان الٽا پيا نڪرن؟

**کلومل** : (کلندي) ڏس وري تو تکو ڳالهائين. ڀائي واپاري تہ نرم! دوڪاندار يا شيءِ وکڻڻ واري جي زبان اِئين هئڻ گهرجي جهڙي ماکي! گراهکن سان منو ڳالهائيندين تہ گراهڪ ڀاڙيهي تنهنجا ٿي ويندا. منڙا ٻول ڳالهاءِ پيارا، منڙا ٻول ماکيءَ جهڙو منو ڳالهائي ڏس.

**منوُمل** : کلومل، چوين سچ ٿو.

**کلومل** : ها مِنوُ ڳالهائي تہ ڏسُ. مني آواز ۾ هوکو بہ ڏيئي ڏسُ، ڪيئن نہ گراهڪ ڇڪجي تو ڏانهن ٿا اَچن.

**منوُمل** : (سوچي) ڇڱو مان ڪوشش ڪريان ٿو.

(مني آواز ۾ هوکو ڏئي ٿو.)

**منوُمل** : ماکي وٺو ماکي .... ماکي وٺو منڙا ماکي ..... مصريءَ کان مني ماکي .....

(هڪ گراهڪ ويجهو اَچي ٿو.)

**گراهڪ** : ماکي ڪيئن ٿو ڏين؟

**منوُمل** : (مني آواز ۾) منڙا، پهرين ڏسُ تہ سهين شُڌ ماکي اَٿيئي. هڪدم نڄُ! هڪ شيشو هڪ سؤ پنجاهہ روپيہ هان وٺ، ذري چکي ڏسُ.

(گراهڪ ماکي چکي ڏسيٿو.)

**گراهڪ** : واهہ! ماکي تہ ڏاڍي مِٺِي ۽ سُٺي ٿي لڳي. ڇڱو هڪ شِيشو ڏي.

(منوُمل خوش ٿي شيشو ڏئي ٿو.)

**منوُمل** : کلوُمل اَدا تون سچُ تو چئين.

(کلومل کلندو هليو وڃي ٿو.)

**منوُمل** : (گراهڪ وڃڻ کانپوءِ) ماکي وٺو ماکي ...... مصريءَ کان مني ماکي ......

---



**هدايتون :** ماستر ٻارن کان سبق جي ڪردارن جو ناٽڪ ڪرائيندو. انهن کي ناٽڪ جي مکيہ تتوَن کان واقف ڪرائيندو. نئون وشيہ ڏيئي ناٽڪ تيار ڪرڻ لاءِ چوندو ۽ سيني سان سُٺو وهنوار ڪرڻ لاءِ همٿائيندو.

۱. اَچو تہ ڳالھہ ٻولھہ ڪريون ۽ لِکون.

(۱) مِنُومل گراھڪن سان ڪھڙي نموني ڳالھائيندو ھو؟

(۲) مِنُومل ڇا وِڪڻِي رھيو ھو؟

(۳) ڪِلُومل، مِنُومل کي ڪھڙِي صلاح ڏني؟

۲. ھڪ سِٽ ۾ جواب لِکو.

(۱) پھرين گراھڪ، مِنُومل کان ڇا پُڇيو؟

(۲) مِنومل جي دوست جو نالو ڇا آھي؟

(۳) آخر ۾ مِنُومل ۾ ڪھڙي تبديل آئي؟

۳. ھيٺِيان لفظ جُملن ۾ ڪم آڻيو.

کَھُرو، صُبُح، مَنجھندِ، غُصو، چَڙِيون

۴. ھيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لِکي جُملن ۾ ڪم آڻيو.

ھوڪو ڏيڻ، ٻُھٽِي ڪَرڻُ، چَڙِيُون ڏيڻُ، وات مان الا ڪَڍَڻُ

۵. سبق جو تاتپرج ڇئن کان پنجن جُملن ۾ لِکو.

۶. چِتر سُڃاڻي ڇوَڪُندن ۾ مناسب نعرا لِکو.










## ١. ٽُڪرُ پڙهي عملي ڪَمُ پورو ڪَرِيو.

**مِنُومل :** (ڪِهڙي آواز سان) ماڪِي وَٺو ماڪِي .... سَستِي سُٺِي ماڪِي ....

(هڪڙو گراهڪ هِن وَٽِ اَچِي ٿو.) ..........................

**گراهڪ :** وَٺڻي آهي اِن ڪري تہ پڇان ٿو.

**(الف)** گفتگو ۾ ڪهڙا بہ ڪردار آهن؟

...................... ۽ ......................

**(ب)** هڪ لفظ ۾ جواب لکو.

(١) ’سَستو‘ جو ضِدُ = ☐

(٢) مِٺي شيءِ جو نالو = ☐

(٣) ’مِنو‘ جو ضِدُ = ☐

(۴) زيور ۾ ڪمُ ايندڙ = ☐

**(پ)** خاڪو پورو ڪريو.

☐ — ’س‘ اکر سان شروع ٿيندڙ لفظ — ☐

**(پ)** توهان جي گهر ۾ جن شين جو سواد مِٺو آهي اُهي لِکو.

## ٢. برئڪيٽ ۾ ڏنل هدايت موجب جواب لِکو.

(١) تون تِکو ڳالهائين ٿو.

(ليڪ ڏنل لفظ جو ’ضد‘ ڪم آڻي نئون جُملو لِکو.)

(٢) چوڪريءَ راند ۾ ٽيپو ڏنو.

(ليڪ ڏنل لفظ جو عدد جمع ڪم آڻي نئون جملو لِکو.)

(٣) سوينا هوشياريءَ سان ڪم ڪندي آهي.

(ليڪ ڏنل لفظ جي ’صفت‘ استعمال ڪري جملو لکو.)

(۴) اَسان ڪالهہ مئچ کٽي.

(ان جملي مان فعل ڳولهيو.)

٣. هيٺ ڏنل گفتگو پوري ڪريو.



ڪردار آهن ٻه ساهيڙيون.

روشني : گؤري تون ڪالهه اِسڪول ۾ ڇو نه آئين؟

گؤري : ڪالهه مُنهنجي ننڍڙي ڀاءُ جو جنم ڏينهن هو.

روشني : واهه، واڌايون. توهان ڪيڪ ڪٽيو هوندو!

گؤري : ها ڪيڪ نه ڪٽيو پر اَسان سڀني هِڪَ ٻُڍا آشرم ۾ جنم ڏينهن ملهايو.

روشني : ٻُڍا آشرم مطلب!

گؤري : ..........................................................................

روشني : ..........................................................................

گؤري : ..........................................................................

روشني : ..........................................................................

گؤري : بس سچ پچ اسان کي انهن بزرگن جي سيوا ڪندي ڏاڍو آنند آيو.

٤. لفظي راند

اَڻ ٺهڪندڙ مثان گول پايو.

(الف) ماکِي، کنڊُ، لوڻُ، ٻُرُ

(ب) اَکُهه، روپيا، پيسا، رام

(پ) صوف، زيور، چاندي، هيرا

(ڀ) مِنو، سُنو، ڪؤرو، وٽندڙ

٥. لَفظَ مان اَکرُ چونڊي هِڪ نئون لَفظُ ناهيو.

مثال :- صاحِبُ : حُبَ .............................. (پيار)

(١) هَردم : .................... (ساهُه)

(٢) ڪرتار : .................... (سنهو جسم)

(٣) درڪار : .................... (دروازو)

(٤) کهڙي : .................... (زنجير جو هِڪُ ٽُڪرُ)

۶. ٽُڪرُ پڙهو ۽ ڏنل مشغوليون پوريون ڪريو.

اَسان ڀارت جا رهواسي آهيون. هِنَ مُلڪ جي آبهوا سراسري طور گرم آهي. اِنهيءَ ڪري هِتي جي ماڻهُنِ کي ويشنو کاڌا کائڻ گهُرجن. مُندَ مُطابِق ڦل ميوو پڻ ورتائجي، جيئن کاڌي مان طاقتَ جا جُزا برابر مِلَنِ. ننڍڙن ٻارن ۽ ٻُڍڙن لاءِ کيرءِ هلڪا کاڌا مُفِيد آهن. پنهنجي شرير جو ڊاڪٽر خودِ ٿيڻُ گهُرجي. جيڪو کاڌو اَسانجي اَندر بدهاضمو ڪري، اَهڙو کاڌو ڪڏهن بہ ورتائِڻُ نہ گهُرجي.

(۱) ڀارت ديش جي آبهوا ڪَهِڙي آهي؟

(۲) ننڍڙن ٻارن ۽ ٻُڍڙن لاءِ ڪهِڙا کاڌا مُفِيد آهن؟

(۳) ڪَهڙو کاڌو ڪڏهن بہ ورتائڻ نہ گهُرجي؟

(۴) هيٺيَن جا ضِدَ لِکو.

۱) گرم ۲) هلڪا

---



## وياڪرڻ

مثال ۱. رام خَطُ لِکي ٿو.

پهرئين جُملي ۾ ’ڪَمُ ڪندڙ‘ رام آهي.

اِهو لفظ جيڪو ڪم ڪندڙ ڏانهن اِشارو ڪري ٿو ان کي ’فاعل‘ چئبو آهي.

پهرئين جُملي ۾ ڪم ’خط‘ تي ٿئي ٿو.

اَهڙي لفظ کي مفعول چئبو آهي.

ساڳئي نموني خط مٿان لِکڻ جو ’ڪم‘ ٿئي ٿو.

اِهو لفظ جيڪو ڪم جو مطلب ڏيکاري ان کي ’فعل‘ چئبو آهي.

مثال ۲. سُنيتا انَبُ کاڌو.

ان جُملي ۾ سُنيتا ’فاعل‘ آهي.

انَب ’مفعول‘ آهي.

کاڌو ’فعل‘ آهي.

هاڻي هيٺيَن جُملن ۾ فاعل، مفعول ۽ فعل سُڃاڻو.

۱. مان اَخبار پڙهندو آهي. ۲. مُنهنجي ماءُ کاڌو رڌي ٿي.

۳. راجا مَنتريءَ کي اِنعام ڏِنو. ۴. سُنيل پاڻي پِيتو.

# ١٣. وڻ - ٽِڻ

ٻُڌو ۽ اَداڪاري سان ڳايو.




جهومن ۽ لهرائن وڻ ٽِڻ،
پون ۽ جي سؤنهن وڌائن وڻ ٽِڻ.
ڇايا ڏيئي ٿڪل راهين کي،
راحت ٿا پهچائن وڻ ٽِڻ.
ڳهي وڃن ٿا زهر هوا جو،
شڌ وايوُ موٽائن وڻ ٽِڻ.




ڪئين سوادي منٺا ميوا،
ماڻهن کي کارائن وڻ ٽِڻ.
خُوشبودار گُلن، سان ڌرتي،
رنگا رنگ بڻائن وڻ ٽِڻ.
پکي پکڻ ۽ جيوَ جنت کي،
ڏيئي اَجهو نپائن وڻ ٽِڻ.
طرح طرح جون جڙيون اُپائي،
تَنَ جا روڳ مٽائن وڻ ٽِڻ.




لوڪ پلي جي خاطر پنهنجي،
ساري عمر وڃائن وڻ ٽِڻ.
آهن شپ چنتڪ سپني جا،
ڪنهن کي ڪين ڏکائن وڻ ٽِڻ.
اگر هٽي کو ڪين پٿر ٿو،
اُن ڏي ڦل اُڇلائن وڻ ٽِڻَ.

## اَچو تہ ڳالھ ٻولھ ڪريون ۽ لِکون.

**١.** چؤڪُنڊي مان مناسب لفظ ڳولھي خال ڀريو.

| |
|---|
| پاڙون |
| ٽاريون |
| ميوا |
| گُل |
| پَنَ |

(١) وڻن جون ................ چؤڌاري ڦھليل ھونديون آھن.

(٢) زمين اَندر مؤجود ............وڻ کي مضبوط ٻڌائينديون آھن.

(٣) وڻ مِٺڙا مِٺڙا .................. ڏين ٿا.

(۴) وڻن جا ................ سائي رنگ جا ھوندا آھن.

**٢.** هيٺ گول ۾ ڪُجھ اَکر ڏنل آھن، اُھي اکر اِستعمال ڪري لفظ پورا ڪري لکو ۽ لفظ جُملن ۾ ڪم آڻيو.

مثال : س وادي

را، س، وا
رو، لو
م خا

(١) .............. يو (٢) .............. ڳ

(٣) .............. ڪ (۴) .............. حت

(٥) .............. طر

**٣.** بيت پڙھي ڏنل مشغوليون پوريون ڪريو.

خوشبودار گُلن سان ڏرتي ...... ساري عمر وڃائن وڻ ٽڻ.



(١) وڻ ڪنھن سان ڌرتي رنگا رنگ ٻڌائين ٿا؟

(٢) ڪنھن کي اَجھو ڏين ٿا؟

(٣) ضد لِکو : خوشبو ڀلو

## پاڻ ڪَريان - پاڻ سِکان

**١.** هيٺ ڏنل لفظن کي درست ڪري لکو.

مثال : شايا - ڇايا

| | | |
|---|---|---|
| (١) راھت - | | (٢) ذھر - |
| (٣) راحي - | | (۴) صوادي - |
| (٥) درتي - | | (٦) پخي - |

هدايتون : ماستر شاگردن سان وڻن بابت ڪويءَ جي ڪلپنا لاءِ ڳالھ ٻولھ ڪندو. جھونين اخبارن مان وڻن بابت لکيل ليک جمع ڪري آڻڻ لاءِ چوندو. ۽ وڻن مان فائدا تي ٦ - ٨ جملا لکڻ لاءِ چوندو.

# ١٤. کِلَڪُ

پڙهو ۽ عمل ۾ آڻيو.



ٻارو توهان کي کِلڻُ ڏاڍو وڻندو آهي نہ. اَچو تہ سَڀيئي گَڏجي ٻہ سيڪَنڊَ کِلوُن. کِلڻُ تَندرُستيءَ لاءِ تَمامُ سُٺو آهي. کِلڻَ سان مَنُ خوشِ ٿِئي ٿو. ڦِڦڙَنِ ۾ اَندازَ کان وَڌيڪ آڪسيجَنِ ڦوُڪجي ٿِي ۽ رَتُ وَڌيڪ صافُ ٿِئي ٿو. قُدِرَتَ وَٽان اِنسانَ کي جيڪي نَعمَتوُن عَطا ٿيلَ آهِنِ تِنِ مان هِڪڙِي تَمامُ مُلهائتِي نعمَت کِلَڻَ جِي آهي. ڪَڏهِنِ ڪَڏهِنِ اَچانڪ ڪا غير رَواجِي ڳالهِ تِي پوَندِي آهي تہ اَجهل کِلَ اَچِي چُٽِڪَندِي آهي. اَهڙِي کِلَڻَ جي نَموُني کي ٽَهَڪ يا ٽَهڪڙا چَوندا آهِنِ.

هَلِڪِي کِلَڻَ کي مُشِڪَڻُ چَئبو آهي. ڪِنِ ماڻهُنِ جي مُنهَن تي هميشهَ مُسڪِراهَٽَ يا مُرِڪَ ڏِسَڻَ ۾ ايندِي آهي. اُهي ماڻهوُ ڏاڍا وَڻندڙَ لَڳندا آهِنِ. کِلمُکُ ٻالڪُ سَڀني کي موهي ڇڏِيندو آهي. هو ٻاڻَ کي وَڏِڙَنِ، هِڪَ جيڏِنِ توڙِي نَنڍِڙَنِ ۾ پيارو بَڻائِيندو آهي.

ٻارو، ڪَنهِنِ سان بہ مِلڻَ وَجو تہ اَڳِلي کي کِلِي کيڪارِيو. سوُٻَٽُ ماڻهوُ ڪَنهِنکي بہ کِينَ وَڻَندو آهي.

ٻِئي قِسمَ جو بہ کِلَڻُ ٿِيندو آهي. سَمجهو تہ تَوهِين رَستي ويندي ڪو ماڻهوُ ڏِسو ٿا،

جَنهِن ۾ ڪا وِڏ آهي. توهين وَني ٿا ڪِل ڪِل ڪَريو. اَهڙي موقعي تي کِلَڻُ غيرِواجِبي آهي. چاڪاڻ تہ قُدرَت اُنَ ماڻهوءَ کي اِهو عيبُ ڏِنو آهي. اِن ۾ هُنَ ويچاري جو تہ ڪو ڏوهہ ڪونہ آهي. ڪي ماڻهوُ جَنمَ کان ئي اَهڙا هوُندا آهن. اَسان کي مالِڪ سالِمُ سَرِيرُ ڏيئي سُهِڻو، سُنو ۽ سُڊولُ بَڻايو آهي تَنهِن لاءِ اَسان کي پَرماتما جا بارِبار ٿورا مَڃِڻُ گهُرجَن. اَهڙن ماڻهُن تي کِلَڻَ بَدِران ساڻن هَمدرديءَ جو ورتاءُ ڪرڻُ گهُرجي.

اِهو قُدرَت جو اَٽلُ ۽ اَٽَر نيمُ آهي تہ ٿوڪَ پَرِي کِلَ هَميشهہ آڏو ايندي آهي. جَنهِن ڳالهِہ تان کِلبو آهي اُها ڪَنهِن نہ ڪَنهِن وقت پاڻَ مٿان اَچي نازِلُ ٿيندي آهي. پوءِ اَسين گهَڻو پَڇتائيندا آهيون ۽ روئَڻهارڪا ٿيندا آهيوُن. تَنهِن کان چو ڪَينَ شروُع کان ئي پاڻَ ۾ اِها عادَت وِجهي ڇَڏِجي تہ ڪَڏهِن بہ ڪَنهِن جي گهٽتائيءَ يا عيبَ تي نہ کِلجي.

## اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لِکون.

**١. برئڪيٽ ۾ صحيح جملي لاءِ ✓ ۽ غلط جملي لاءِ ×لِکو.**

(١) ٻين سان ملڻ وقت مُشڪي ڪيڪار ڪرڻ گهرجي.

(٢) کِلڻ سان من خوش ٿئي ٿو.

(٣) ٻين جي عيبن تي کِلڻُ گهُرجي.

(٤) غُصو صِحت لاءِ خراب آهي.

**٢. ٽُڪر پڙهو ۽ ڏنل مشغوليون پوريون ڪريو.**

کِلڻُ تندرُستيءَ لاءِ تَمامُ سُٺو آهي. ........ هَلڪي کِلَڻَ کي مُشڪَڻُ چَئبو آهي.

(١) کِلڻُ ڇا جي لاءِ تَمامُ سُٺو آهي؟

(٢) کِلَڻَ سان ڦِڦڙن ۾ ڇا ٿو ٿئي؟

(٣) ٽَهڪڙا ڇا کي چوندا آهن؟

(٤) هَلڪي کِلَڻَ کي ڇا چئبو آهي؟

(٥) هيٺين جا ضِد لِکو.

١) خوش، ٢) کِلڻُ، ٣) وَڏيڪ، ٤) غير رواجي

## پاڙ ڪَرِيان - پاڙ سِکان

١. (الف) هرهڪ چِترَ هيٺِ چؤُڪُنڊي ۾ مناسب جذبات گول مان ڳولهي لِکو.

غُصو، خوش، دُکي، مُنجهيل، عَجب،
شرمِيلو، ڏِڪيل، ظاهر ڪرڻُ













(ب) متي ڏنل هرهڪ چتر تي هِڪُ جُملو لِکو.

٢. (الف) صفتون ٺاهيو.

(١) تندرُستي -

(٢) صفائِي -

(٣) خوشِي -

(٤) قُدرتِي -

**(ب) هيٺِ ڏنل جُملن مان فعل چوُنڊيو.**

(١) کِلڻ تندرُستيءَ لاءِ سُٺو آهي.

(٢) کِلَڻ سان رتُ وڌيڪ صاف ٿئي ٿو.

(٣) اَسان روز مندر ۾ ويندا آهيون.

(۴) هرشا ميلو ڏسڻ ويئي.

**(ب) برئڪيٽ ۾ ڏنل هدايت موجب زمان بدلايو.**

(١) سارِيڪا اَنب خريد ڪيا. (زمان حال ۾ بدلايو.)

(٢) سوهم پوني ويندو. (زمان ماضيءَ ۾ بدلايو.)

(٣) سانيڪا نيرڻ ڪائي ٿي. (زمان مستقبل ۾ بدلايو.)

(۴) سورج نوان ڪپڙا پائي ٿو. (زمان ماضيءَ ۾ بدلايو.)

**٣. هينيان لفظ ڊڪشنريءَ ۾ ڳولهي ۽ اُن جي معنيٰ لِکي جُملن ۾ ڪم آڻيو.**

(١) علم (٢) بندوبست (٣) ڪيڪار (۴) سوُبِت (۵) عيبُ (٦) اَٽلُ



## سَلِيو پروليِوُن.

(١) زندگي جي پرسان تو گهاري
ڏڏ ۾ سارو سال گُذاري،
ڏيمي ڏيمي راڳ بہ ڳائي
مال ٽول جي عمر وڌائي.

(٢) شهرن ۾ ڪي ماڻهو خاص
پاڻيءَ بِنِ سَڀُ ساگرَ آهِن،
رَستَنِ تي ڪا اَچ وَڃ ناهي
سَرَلِ پرولي آ پڇُو چاهي.



**هدايتون :** ماستر ڊڪشنريءَ جي استعمال تي زور ڏيندو، اخبار پڙهڻ، لفظ چونڊڻ، اُنهن ۾ ڪراس ورڊ راند ڪرڻ لاءِ همٿائيندو. ماستر ڪلاس ۾ روز هڪ دفعو زور سان کِلڻ جي ڪسرت ڪرائيندو.

# ١٥. چَنڊُ

ٻُڌو ۽ ڳايو.

چَمِڪ چَمِڪ تون چَنڊَ مَشعالَ،
چوکي تُنهِنجِي چَنچَلِ چالِ،

(١) اُڀ ۾ اُڀري ڏوَ لک تارو،
تو راجا بِن آهه اَنڌارو،
تارن جِي توسان نہ مَجال،
چَمِڪ چَمِڪ تون چَنڊَ مَشعالَ.

(٢) سِڄ لَهَڻَ تي واڄَ وَڄائين،
رات مَٿان تو راڄُ هلائين،
وَڏي وَڏِي تو ڪَرين ڪَمال،
چَمِڪ چَمِڪ تون چَنڊَ مَشعالَ.

(٣) توکي پنهِنجِي جوتِ نہ ڪائِي،
ڪو توسان ٻِيو ڪَري ڀَلائِي،
سورجُ تُنهِنجِي لَهي سَنڀالَ،
چَمِڪ چَمِڪ تون چَنڊَ مَشعالَ.

(۴) پَهرِين راتِ ئِي لاٽَ ڪَدِين ٿو،
چوڏهينءَ تي چِمڪاٽَ ڪَدِين ٿو،
ڪَڏهن ٽَرارَ تہ ڪَڏهن ڍال،
چَمِڪ چَمِڪ تون چَنڊَ مَشعالَ.

(٥) سيتَلِ تُنهِنجِي آهه سَهائِي،
راتِ ٿَڌيري صاف صَفائِي،
نيڻَ نِهارِڻَ سان نِهال،
چَمِڪ چَمِڪ تون چَنڊَ مَشعالَ.



## اَچو تہ ڳالھہ ٻولھہ ڪريون ۽ لِکون.

۱. ٻڌايو.

(۱) ڪَنھن جي چالِ چوکي چَنچل آھي؟

(۲) چَنڊُ ڪيئن ڪَمال ڪري ٿو؟

(۳) سورجُ ڪَنھن جي سنڀال لَھي ٿو؟

۲. خال ڀريو.

(۱) اُڀ ۾ اُيري ........................ تارو.

(۲) ........................ مٿان ٿو راڄ هلائين.

(۳) چوڏھينءَ تي ........................ ڪدين ٿو.

(۴) ............................ نِھارڻ سان نِهال.

۳. عدد بدلايو : رات، ڏيارن، مشعال، تار

۴. هيٺ ڪُجھہ لفظَ ڏنل آھن، اُنھن لفظن اَڳيان ✓ يا ✗ ڪريو. جن جو لاڳاپو چَنڊ سان ھُجي.

| | | | |
|---|---|---|---|
| مثال : شڪل ۾ چورس | X | (۴) رات جو راڄا | |
| (۱) ڏينھن جو چَمڪڻُ | | (٦) ٿڌي روشني | |
| (۲) پنھنجِي روشنِي | | (۳) شڪليون بدلائڻ | |
| (۵) چوڏس ڏينھن جو عرصو | | (۷) ڏينھن جو نظر ايندڙ | |

۵. هيٺِ ڏِنل چِتر ڏسو.



اِنھن ڪي چنڊ جون ڪلائون چِٽيو آھي.

چنڊ جون ڪلائون.

(۱) نئون چَنڊُ　　(۲) ڏينهون ڏينهن وڌندڙ چنڊ

(۳) پورو چنڊ　　(۴) ڏينهون ڏينهن گهٽجندڙ چنڊ

٦. هيٺيان لفظَ اِستعمال ڪري جُملا ٺاهيو.

(۱) چَنڊُ (۲) مشعال (۳) چمڪات (۴) سنيال (۴) سيتل (٦) سج

٧. هرهِڪ سوال جا ٽي جواب لِکو.

مثال : آسمانيِ جِسم




(۱) ٽي اِنساني گُڻ



(۲) ٽي اَناج



(۳) ٽي واهڻ



(۴) ٽي اِنسانيِ گُڻ



٨. سورج ۾ ٽي اکر ’سو‘ ’ر‘ ۽ ’ج‘ آهن. انهن مان نوان لفظ مثال : رج، جر، سور ٺهي سگهن ٿا.

اَهڙيءَ طرح ’چمڪ‘ لفظ جا اکر کڻي نوان لفظ ٺاهيو.

٩. جيڪڏهن سج نہ هجي... اِن وشيہ تي ٨ کان ١٠ جملا لِکو.

هدايت : ماستر شاگردن سان چنڊ بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪندو ۽ چنڊ تي ٨-١٠ جملا لکي اَچڻ لاءِ چوندو.



# وياڪرڻ

## زمان ۽ زمان جا قِسمَ

(١) سُنيِتا ڪِتابُ پڙهي ٿي.

(٢) سُنيِتا ڪِتابُ پڙهيو.

(٣) سُنيِتا ڪِتابُ پڙهندي.

پهرين جُملي ۾ فعل ’پڙهي ٿي‘ ڏيکاري ٿو تہ ڪِتابُ پڙهڻ جو ڪَمُ هَلندڙ وقتَ ۾ ٿِئي ٿو.

ٻئين جُملي ۾ فعل ’پڙهيو‘ ڏيکاري ٿو تہ ڪِتابُ پڙهڻ جو ڪَمُ گُذريل وقتَ ۾ ٿيو.

ٽئين جُملي ۾ فعل ’پڙهندي‘ ڏيکاري ٿو ڪِتابُ پڙهڻ جو ڪَمُ ايِندڙ وقتَ ۾ ٿيندو.

فعل جي جُدا جُدا صورتُنِ مان اسان فعل جي ڪَمَ جو وقتُ سَمجهيِ سگهُون ٿا.

**هلندڙ وقتَ کي زَمان حال چئبو آهي.**

**گذريل وَقت کي زمان ماضيِ چئبو آهي.**

**ايندڙ وقت کي زمان مُستقبل چئبو آهي.**

مِثال : لڇمَڻ ڪرڪيِٽ رانِد ڪَري ٿو. (زَمان حال)

لَڇمڻ ڪرڪيِٽ رانِد ڪئيِ. (زمان ماضيِ)

لڇمَڻ ڪرڪيِٽ رانِد ڪَندو. (زمان مُستقبل)

دادا آکاڻِي ٻُڌائي ٿو. (زَمان حال)

دادا آکاڻِي ٻُڌائيِ. (زَمان ماضيِ)

دادا آکاڻِي ٻُڌائيندو. (زَمان مُستقبل)

- **هيٺيَن جُملنِ جا زمان ٻُڌايو.**

(١) اَڄُ بَرساتِ پَوندي. (٢) سيٺ ڏاڍو خوش آهي.

(٣) رينو ٽرين ۾ ويٺيِ آهي. (۴) اَسان سُپاڻي پوني ويندا سين.

(۵) مون اَنبُ کاڌو. (٦) راجيش گهمڻَ ويو.

#  ٿوري وندر

١. هيٺ خاڪي ۾ مهاراشٽر راڄيه جي ڪجهه ضلعن جا نالا ڏنل آهن. ڪي به پنج ضلعا چونڊي نالا لکو:-

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| اَ | ڪو | لا | | را | ٿا |
| م | لها | تو | | ۽ | ٽي |
| را | پو | ر | تنا | گ | ري |
| و | ر | پُ | ٽي | ڙ | |
| تي | وا | ر | ڏا | | |
| نا | ش | ڪ | جا | ل | نا |
| | م | | | | |

٢. هيٺيان اکر چونڊي هيٺ مليل چاڻ موجب لفظ ٺاهيو ۽ اُن ڪانسواءِ ٻيا بہ لفظ ٺاهيو:- مثال :- هڪ گُل - ڪمل

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڪ | ل | م | ڇ | ٻ |
| س | اَ | ي | و | ف |
| ج | ص | د | ڦ | ه |
| ٽ | ر | ڻ | ل | ي |
| ن | ٿ | ڙ | ش | ٿ |

١) هڪ ميوو - ..................

٢) سنگهڻ جو حواس - ..................

٣) بدن جي مکيہ پاڇيٽ - ................

٤) روشنيءَ جو وسيلو - ..................

٥) واهڻ جو هڪ گول حصو - ...............

٦) نڪ جو هڪ زيور - ..................

٣. اَچو تہ لَفَظِن جو سِلسِلو ٺاهيوُن.

مثال : اِسڪوُل وڃي ٿو پاويش.

جواب : پاويش اِسڪوُل وَڃي ٿو.

(١) خَطُ لِکي ٿي رَما.

(٢) وِدوانُ ٽيندُس مان پڙهي.

(٣) ماستر اِنعامُ ڏِنو بارَن کي.

(٤) مُنهنجي پيءُ ڪَڍيو هِڪُ چِترُ.

٤. لوڪ گيت ڳايو.

١. جيڪو کَٽي آيو کيرَسان،
هوجَمالو، هوجَمالو.

٢. جَنهن کي سوني مُنڊي چيچَ ۾
هوجَمالو، هوجَمالو.

٣. جَنهن کي سائو لَڪُڻُ هَٿَ ۾
هوجَمالو، هوجَمالو
هوجَمالو، جاني جَمالو.

# ١٦. دارِجلنگ

ٻڌو ۽ پڙهو.



ڀارت ۾ هوا خوريءَ لاءِ ڪيترائي رمڻيڪ ۽ خوبصورت آستان آهن. انهن مان دارجلنگ پڻ دنيا ۾ هڪ هاڪارو پهاڙي آستان آهي. دارجلنگ ڪنچن جنگا جي برفاني چوٽين سان ڇانيل ۽ جابلو قطارن سان گهيريل آهي. هن جي من موهيندڙ سونهن ۽ سوڀيا ڏسي، سيلاني هن کي ”سونهن جي راڻي“ جي نالي سان سڏيندا آهن. سمنڊ جي سنوت کان ٥ ٣ ١ ٢ ميٽرن جي اوچائيءَ تي براجمان دارجلنگ نگري، چوڌاري وڻن ۽ چانهه جي کيتن سان ڇانيل هئڻ ڪري وڌيڪ دلڪش بڻجي پيئي آهي. چانهه جي کيتن مان ايندڙ خوشبوءِ دل ۽ دماغ کي تازو توانو ڪري ٿي.

دارجلنگ وڃڻ لاءِ پهريائين ڪلڪتي وڃڻو پوندو آهي. ڪلڪتي پهچڻ کان پوءِ هاوڙا يا سيالده اِسٽيشن تان ٻي گاڏي پڪڙي ”جلپائگڙي“ پهچي سگهجي ٿو. اُتان دارجلنگ وڃڻ لاءِ ”مني ٽرين“ يا ٽئڪسيءَ ۾ سفر ڪري سگهجي ٿو. جيڪڏهن دارجلنگ جي دلڪش ۽ خوش نما نظارن جو سچو لطف وٺڻو هجي ته مِني ٽرين ۾ئي سفر ڪجي. ننڍا ٻار سيلانين کي ڏسي، ڪين حُب وچان هٿ لوڏي آجيان ڪندا آهن.

دارجلنگ ۾ مکيه بازارکان ٻن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي هڪ جانورن جي باغ ۾











عجيب وَ غريب جابلو پَسون ۽ رنگبرنگي پکي ڏسي، اوهان اَچرج ۾ پئجي ويندا. اُن باغ جي پرمُئي پهاڙن تي چڙهائي ڪرڻ لاءِ سکيا ڏيڻ جو ڪيندر آهي. دارجلنگ ريلوي اِستيشن جي پرسان ”ڏيرڏاما“ نالي هڪ مندر آهي. هيءُ مندر نيپال جي پشوپتي ناٿ مندر جون سِڪون لاهي ٿو. دارجلنگ ۾ سڀ کان وڏيڪ وڻندڙ آهي ٽراليءَ جو سئر. هن کي ’رنجيت وئلي روپ وي‘ ڪري چون ٿا. هيءُ ايشيا جو سڀ کان وڏو ٽراليءَ جو رستو آهي. ٻن لوهه جي تارن ۾ لٽڪيل ٽراليءَ ۾ چڙهي سڄي ماٿريءَ جو سئر ڪري سگهجي ٿو. ٽرالي چانهه جي باغن ۽ ڪنچن جنگا جي چاپا هيٺان لنگهندي آنند عطا ڪرائي ٿي.

”ٽائيگر هِل“ تي سج اُڀرڻ جو من موهيندڙ نظارو ڏسي سگهجي ٿو. سج اُڀرڻ وقت چوڌاري سموري ڌرتي سونهري چادر ۾ ڍڪيل نظر ايندي آهي. شهر کان ست ڪلوميٽر پري ’ڏوم‘ نالي آستان تي هڪ ’ٻوڌي مٺ‘ آهي. هتي ٻڌ ڀڳوان جون پندرهن مورتون ۽ ڪيترا ٻوڌي گرنٿ رکيل آهن.

دارجلنگ کان ۴۵ ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ”ميرڪ“ هِلِ استيشن تي ’سُميندو‘ نالي هڪ وشال ڍنڍ آهي. اُتي ٻيڙين ۾ چڙهي بازارين جي سئر جو مزو وٺي سگهجي ٿو. اُتان نيپال جي سرحد شروع ٿئي ٿي.

## اَچو تہ ڳالھہ ٻولھہ ڪريون ۽ لکون.

۱. دارجلنگ ريلوي اِسٽيشن جي پرسان ڪھڙو مندر آهي؟

۲. ’رنجيت وئلي‘ جو سئر ڪيئن ڪبو آهي؟

۳. خال ڀريو.

(۱) چانھہ جي کيتن مان ايندڙ خوشبوءِ دل ۽ دماغ کي ................ ڪري ٿي.
(گدگد - تازو توانو - چُست)

(۲) دارجلنگ ۾ وچڻ لاءِ پھريائين ..................... وڃڻو پوندو آهي.
(دهلي - پٽنا - ڪلڪتي)

(۳) دارجلنگ ريلوي اِسٽيشن جي پرسان ..................... نالي هڪ مندر آهي.
(ڀِشو پنيناٿ - ڊيرڊاما - جلپائگڙي)

(۴) ..................... تي سڄ اُڀرڻ جو من موهيندڙ نظارو ڏسي سگھجي ٿو.
(ٽائيگر هِل - سلدوھ - ڪنچن جنگا)

۴. هيٺين لفظن جا ضد لکو.

خوشبوءِ، غريب، پرسان، شروع، وشال

۵. تڪرپڙهي ڏنل مشغوليون پوريون ڪريو.

پارت ۾ هوا خوريءَ لاءِ ڪيترائي رمڻيڪ ۽ خوبصورت آستان آهن..... چانھہ جي کيتن مان ايندڙ خوشبوءِ دل ۽ دماغ کي تازو توانو ڪري ٿي.

(۱) دارجلنگ ڪھڙين جابلو قطارن سان گھيريل آهي؟

(۲) سيلاني دارجلنگ کي ڪھڙي نالي سان سڏيندا آهن؟

(۳) دارجلنگ سمنڊ جي سنوت کان ڪيترو مٿي آهي؟

(۴) دارجلنگ جا جي ڪري وڏيڪ دلڪش بڻجي پيئي آهي؟

٦. ساڳئي معنيٰ وارن لفظن جا جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| دِلڪَش | سئر ڪندڙ |
| سرحد | مرڪز |
| سيلاني | سِيما |
| ڪيندر | موهيندڙ |

۷. هيٺ ڏنل خاڪو پورو ڪريو.

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| سِڄ اُڀرڻ جو نظارو | وشال ڍنڍ | هِڪُ مندرُ | | ٽراليءَ جو سير |
| | سُمينڊو | | هاوڙا | |

۸. چؤڪنڊي ۾ ڀارت ۾ هوا خوريءَ لاءِ ڪُجهه مشهور هنڌ ڏنل آهن. اِنٽرنيٽ يا ماستر ءِ وڏن جي مدد سان ڏنل ياداشت پوري ڪريو.

اوٽِي، مهابليشور
نئنيتال، ڪُلوُ-مَنالي،
مسوري، گُلمرگ

| اِستان | راڄيه | مَشهور ملندڙ شيءِ |
|---|---|---|
| (۱) اوٽِي. | | |
| (۲) | | |
| (۳) | | |
| (۴) | | |
| (۵) | | |
| (٦) | | |

۹. پَنهنجي ڪيل سير بابت پنج جُملا لِکو.

تاريخ - مُسافريءَ جو واهڻ -
ياترا جو آزمودو - ڏٺا ڏينهن
پهچڻ ۾ لڳا - اِستان بابت ڄاڻ

هدايتون : ماستر گروپن ۾ ورهائي 'سئر - سفر مان فائدا' اِن وشيه تي ڳالهه ٻولهه ڪندو. ٻارن کان سندس ڪيل سئر جو آزمودو پُڇندو. سبق ۾ ڏنل ٽڪرسهٽن اکرن ۾ لکڻ لاءِ چوندو.

# ١٧. لَغَڙُ

ٻُڌو ۽ ڳايو.



(١) رُپِئي پِيلو پَنو گُهرائي
ڪانين جي لاءِ بانس ڪٽائي،
پوءِ وَٽيءَ ۾ ڪونئر پُسائي،
تُرت وِڌُمِ هِڪُ لَغَڙُ ٺَٽائي،
نانءُ رکيو مُون اُپ جو راڻو،
ڦَڙ ڦَڙ لَغَڙُ اُڏاڻو!



(٢) يارو هِنَ کي هَوا اُڏائي،
مَٿي مَٿي ٿِي عرش پُڄائي،
ڏِسُون هاڻ ٿو گوهِي ڪائي،
لاٿُونءَ جان ٿو ڦيرا پائي،
ڪين مَگر هوُ ٿِيندو ساڻو،
ڦَڙ ڦَڙ لَغَڙُ اُڏاڻو!





(٣) اِجهو هاڻِ ٿو پيچَ لَڙايان،
ڪيسِ سَپِنِ ۾ اَڳرو ٻَڌايان،
پيچُ لَڳِي ويو، مان ٿو پانيان،
ڍر ڏئي تَڪِڙِي ڏور هِلايان،
هاڻ نہ هِنَ جو ناڻو نِڪاڻو،
ڦَڙ ڦَڙ لَغَڙُ اُڏاڻو!

## اَچو تہ ڳالھہ ٻولھہ ڪريون ۽ لکون.

۱. هيٺ ڏنل شِڪلِ ۾ سٽون پڙهو ۽ سوالن جا جواب لِکو.

يارو لغڙ کي،
هوا اُڏائي.
متي متي تي عرش پُڄائي
ڏسون هاڻ تو ڳوهي ڪائي.

لاٿون ۽ جان تو ڦيرا
پائي.

(۱) هيٺ ڏنل چِتر ڏِسو، چِتر جو نالو سِٽُنِ مان ڳولهي لِکو.







(۲) ’لغڙ‘ لفظ ۾ ’غ‘ اکر آهي. اهڙي نموني ’غ‘ اکرا وارا لفظ ڳاهي لکو.

مِثال : غائب، مغز

۲. هينيان لفظ ڪم آڻي هِڪ بيت پورو ڪريو.

پيارو، سارو، تو ڏئي، تو اُڏامي

لغڙ مُنهنجو ...........................

رنگين آهي ...........................

متي متي ...........................

خوشيون سيني کي ...........................

### ٣. اَچو تہ لغڙ ٺاهيون.

**گهربل سامان :** چؤڪُٽ رنگين ڪاغذ، ڪونئر، بانس جي تيلي.

**طريقو :**

لغڙ ٺاهڻ لاءِ هڪ چؤڪُٽ رنگين ڪاغذ ڪٽو.

اُن ڪاغذ جي هيٺ مٿي ڪُنڊن تي بانس جي تيلِي رکو.

ڪاغذ جي ٻنهي ڪُنڊن تي ڪونئر سان بانس جي تيلِي ڪاغذ تي چنبڙايو.

هاڻي بانس جي تيلي جي ڪمان ٺاهي ساڄي ۽ کاٻي ڪُنڊ تي رکو.

چِتر ۾ ڏيکاريل نموني چؤڪُٽ ڪاغذ جي هيٺان ننڍو ڪٽيل ٽِڪُنڊو چِنبرايو. وٺو،

توهانجو لغڙ اُڏامڻ لاءِ تيار آهي.



**هدايتون :** ماستر ٻارن کان لغڙ اُڏائڻ بابت آزمودا پڇندو. مثال :- ان راند ۾ ڪيترن پکين جا حادثا ٿين ٿا، ۽ مانجهي سبب ڪيترن جو موت بہ ٿِي سگهندو آهي. ماستر ٻارن کي اها ڄاڻ وستار سان سمجهائيندو. نائلان مانجهو استعمال ڪرڻ کان روڪيندو.

# ١٨. اُتراڻ

پڙهو ۽ لِکو.



اُتراڻ جو ڏِڻُ هَرسال ١٤ جنوري تي اِيندو آهي.
اُتراڻ اَسان کي خوشِي ۽ پريم جو سَنيهو ڏِئي ٿي.
اُتراڻ تي، سِجُ مَکرِ راسِ ۾ اِيندو آهي، اِنکري اُن کي ’مَکرِ سَنکرات‘ بہ چوندا آهن. هِنَ ڏِينهَن تي سِجُ ڏکڻ طرف کان اُتر طرف وَڌندو رَهندو آهي. سِجَ جي اُتر طرف وَڌڻ واري چالِ کي اُتراڻ چئبو آهي.
اُتراڻ کان پوءِ راتِ جي اوندهہ جو عرصو گهٽجي ٿو ۽ ڏِينهَن جي روشنيءَ جو عرصو وڌي ٿو. اِنکري ٿڌ گهٽجي ٿي.
اُتراڻ ترقيءَ جو ڏِينهنُ آهي. سڀ نوان يا شُڀ ڪَمَ بہ اُتراڻ کان پوءِ ڪيا ويندا آهنِ.
اُتراڻ ڏِينهن تي لغڙ اُڏائڻ جو رواج آهي. آسمان ۾ اوچائيءَ تي جدا جدا رنگَنِ جا لغڙ اُڏايا ويندا آهنِ.
اُتراڻ تي تِرَن ۽ ٻَڙَ سان نهيلَ لائِي يا پورِيندا کائبا آهنِ. اُتراڻ کي سنڌي ’تِرمُوري‘ ڪري سڏِيندا آهن.





### ١. اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لکون.

(١) اُتراڻ جو ڏِڻُ ڪَڏهن ايندو آهي؟

(٢) اُتراڻ تي سِجُ ڪَهڙي راسِ ۾ ايندو آهي؟

(٣) سَڀُ شُڀ ڪَمَ ڪَڏهن شروع ڪيا ويندا آهن؟

(٤) اُتراڻ ڏينهن ڪَهڙو رَواج آهي؟

### ٢. اَچو تہ سوچيون.

(١) توهان کي ڪَهڙو ڏِڻُ وڻندو آهي؟

(٢) راتِ ۽ ڏينهن ڪَنهن جي ڦيري سَببِ ٿيندا آهن؟

### ٣. مِثال سَمجهي برئڪيٽ مان مُناسب جواب ڳولهيو ۽ ✓ نشان ڪَريو.

مثال : اُتراڻ ڪان پوءِ ٿَڌِ شروع ٿيندي آهي.(غلط / صَحيح)

(١) 'پريم' معنيٰ (پيار / ڌِڪار)

(٢) راتِ (روشني / اوندهہ)

(٣) لغڙ (اُڏائڻ / ٻوڙڻ)

(٤) تَرقي معنيٰ (واڌارو / گهٽتائي)

### ٤. چِترَ ڏِسي، ڏِڻَ سُڃاڻي ڳالهہ ٻولهہ ڪريو ۽ لِکو.









هدايتون : ماستر شاگردن سان ڏڻن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪري سندن کي ڪهڙو ڏڻ وڻندو آهي اُن بابت لکڻ لاءِ چوندو. ڏڻ ملهائڻ سان ايڪتا ۽ پريم ڀاوَ وڌي ٿو اِهو سمجهائيندو.

# خط

پڙهو ۽ لِکو.



ساڌو واسواڻي هاءِ اِسڪول، ڪولهاپور
پوڄنيہ ڪاڪا، چرڻ وندنا.
تاريخ: ٢ فيبروري ٢٠٢٦

اُميد تہ ايشور جي آسيس سان اوهان خوش راضِي هوندا. هِت بہ سُکہ آنند آهي. توهان جي موڪليل سوکڙي مونکي مِلِي ۽ ساڻ جنم ڏينهن جي واڌاين وارو ڪارڊ پِڻ مليو. توهان سوکڙيءَ ۾ ڊاڪٽر ديال 'آشا' جون لکيل ڪتاب 'ٻارو، اَچو تہ ڳايون' موڪليو آهي. مونکي مُنهنجي دوستن بہ جنم ڏينهن جون سوکڙيون ڏِنيون پر توهان وارِي سوکڙِي سَڀُ پَڇُ اَمُلهہ آهي. هِن ڪتاب ۾ ٻارن لاءِ ڪيترائِي بيت ۽ گيت ڏنل آهن. هرهڪ بيت ۾ وِندرءِ سکيا سمايل آهي. گيت ڳائڻ ۾ ڏاڍا مَذُر آهن. خاص ڪري 'سرسوتي وندنا'، 'دادا آندي ٽِي.وِي.'، 'آءُ ڪانءُ تون آءُ'، ۽ 'بِجلِي' ۽ 'ميوا مون کي وڻيا'، 'سرسوتي وندنا' تہ ياد ڪري روز ڳائڻ گهرجي. مون پنهنجن دوستن کي بہ اِها سوکڙي ڏيکاري. اُهي

پڻ ڏاڍا خوش ٿيا. ڪاڪا مونکي هاڻي اِها ڄاڻ مِلي آهي تہ ڪتابن مان ڪافي گيان ملي ٿو. مان توهان جي هن قيمتي سوکڙيءَ کي سنڀالي رکندس.

اِسڪول طرفان اينڊز وئڪيشن ۾ ممبئي ۾ هڪ تعليمي نِماءُ رکيو ويو آهي. مان بہ اُن ڪاريہ ڪرم ۾ ڀهرو وٺڻ وارو آهيان. مُمبئي ۾ اَچي توهان سان ضرور مِلندس.

هِڪُ دفعو وري توهان جي اَمُلهہ سوکڙيءَ لاءِ توهان جا شُڪرانا مَڃان ٿو.

توهانجو آگياڪاري ڀائٽيو

موهت

## اَچو تہ سَمجهون ۽ سِکون.

(الف) غير دستوري خطُ : پيءُ - ماءُ، مِٽن مائٽن، دوست / ساهيڙيءَ کي خط لِکڻُ

(ب) دستوري خط : سرڪاري توڙي غير سرڪاري سنستائن جي اڌڪارين، بانيڪارن وغيرهہ کي خط لکڻ.

هيٺ ڏِنل خاڪو پورو ڪريو.

| خط | دستوري خط | غير دستوري خط |
|---|---|---|
| ۱) اِسڪول هيڊماستر ڏانهن لائبريريءَ ۾ نوان ڪتاب گهرائڻ بابت | | |
| ۲) ماءُ کي خوشخبري ٻُڌائڻ بابت | | |
| ۳) دوست کي راندين ۾ ڪٽڻ جون واڌايون ڏيڻ بابت | | |
| ۴) ميونسپل اَڌڪاريءَ کي ڪچرو هٽائڻ بابت | | |
| ۵) ساهيڙيءَ کي وقت جي اَهميت سمجهائڻ بابت | | |
| ۶) وارڊ ڪائونسلر کي روڊ ٺاهڻ بابت | | |



هدايتون : ماستر ساهتيہ جا جُدا جُدا ڪتاب پڙهڻ لاءِ شاگردن کي همٿائيندو. ليک يا آکاڻي يا گفتگوءَ ۾ فرق سمجهائيندو. ڪو وشيہ ڏيئي ٻارن کي گهرمان آکاڻي / خط لِکي اَچڻ لاءِ چوندو.

# واڏائِي پَترَ



ٻُڌو ۽ ٻاهيو.

ٻارو، اَسان کي اَڄُ ڪلهہ اَنيڪ قِسمَنِ جا پَترَ مِلندا آهِنِ. جئن تہ شاديءَ جو ڪارڊ، ڪَنهن اُتسؤ ۾ شامِلِ ٿيڻَ لاءِ نيِنڊ-پتر ۽ خاص ڏينهن لاءِ واڏائِي پتر وغيرهہ. هِي ڪارڊ وقتِ بہ وقت ڏيڻ-وَٺڻَ سان اَسانجو پاڻَ ۾ پريم وڌي ٿو.

اَڇو تہ اَڄ اَسين رنگبرنگي واڏايُنِ جا ڪارڊ تيار ڪري ڪِلاس ۾ هِڪُ شاندار نِماءُ لڳايوُن.

(اَڌياپڪ هِدايتُنِ سان گَڏ واڏائِي پتر تيار ڪرڻ جِي ترڪيبَ ڏيکاريندو.)

گهُربل سامان :- ٿُلهو ۽ چَمڪندڙ پَنو، رَنگِينِ قَلم يا پينسِلون، ڪونئر، فوٽ پَٽِي وغيرهہ.

تيار ڪرڻ جو طريقو: ٻارو الڳہ الڳہ ماپ جا ڪارڊ ڪَٽِيو. اُنهن تي رنگين ڪِنارِي هَٽو. هِڪَ پاسي واڏايُنِ جو سَنيهو لِکو.

ڪارڊ جي ٻِئي طرف وٺندڙ جو نالو ۽ پتو لِکجو. جيڪڏهن ڪارڊ ٻِئي شَهر موڪِلڻو هُجي تہ اُن لاءِ ٻاهرين لِفافي تي گهُربل پوسٽ جوُن ٽِڪليون بہ لڳائجَنِ.

واڏائي پتر جو سَنيهو : ٻارو واڏائي پتر ۾ سنيهي جي وَڏِي اَهميتَ آهي. سنيهي ۾ موقعي موجب ٿوري ۾ اِڇائُنِ جو بيان ڪَجي. سنيهي سان گڏوگڏ واڏائيءَ جي پتر ۾ سُهڻِي ۽ صاف لِکاوٽَ بہ ضرورِي آهي.

## جنم ڏِينهنَ جو واڏائِي پتر

| | |
|---|---|
| جناب هيڊماستر صاحب، | پيارا سائين، |
| جئہ هِند اِسڪوُل، | جنم ڏينهن جون لَکہ لَکہ |
| پِمپرِي، | واڌايون. شال مالڪ اَوهان |
| پونا. | کي وڏي اَورجا ۽ سالم صحت |
| .................... | بَخشي. |

## پاڻ ڪَريان - پاڻ سِکان

۱.  دورست / ساهيڙيءَ لاءِ اِمتحان ۾ پهريون نمبر اَچڻ تي واڌائي پتر تيار ڪريو.

۲.  ٽڪر پڙهو ۽ ڏنل مشغوليون پوريون ڪريو.

پوسٽ ڪارڊ، لِفافا ۽ ٽِڪليون ڀارت سرڪار جي سِڪيوُرٽي پريس، مهاراشٽر جي ناسڪ شهر ۾ ڇپبا آهن. پوسٽ جي اِن سامگريءَ کانسواءِ سِڪيوُرٽي پريس ۾ راڄيہ سرڪارن لاءِ عدالتي ۽ غير عدالتي ٽِڪليون، راڄيہ ۽ مرڪزي سرڪارن لاءِ چيڪ، پراميسري نوٽ، پاسپورٽ، بانڊ ۽ راشٽريہ بچت سرٽيفڪيٽ ۽ ڀارتيہ رزرو بئنڪ لاءِ ناڻي جا نوٽ ڇاپيا ويندا آهن.

۱۸۶۰ کان اڳ ڀارت سرڪار جو ڪوئي بہ ناڻي جونوٽ نِڪتل نہ هو. سَڀ کان پهرين بئنڪ آف اِنگلنڊ ۱۸۶۱ع ۾ ڀارت لاءِ نوٽ ڇپيا ۽ مارچ ۱۸۶۲ع ۾ اِهي نوٽ جاري ڪيا.

(۱)  ڀارت سرڪار جي سِڪيوُرٽي پريس ڪِٿي آهي؟

(۲)  سِڪيوُرٽي پريس ۾ ڇپجندڙ ڪي بہ چار شيون لکو.

(۳)  ٽڪر ۾ ڏنل 'ن' سان شروع ٿيندڙ ٻہ لفظ لکو.

(۴)  سَڀ کان پهرين ڪهڙي سنسٿا ڀارت لاءِ نوٽ ڇپيا؟

(۵)  ٽُڪرَ کي مُناسب سِرو ڏيو.

## اَچو تہ ڄاڻ حاصل ڪريون.

### سِنڌي لوڪ اَدب :

(الف)  لوڪ ڪهاڻيون  :  عمر مارئي، مومل راڻو، سَسُئي پُنهو، ليلا چَنيسر

(ب)  لوڪ شاعري  :  بيت، دوها، وايون، دوهڙا

(ب)  لوڪ گيت  :  شاديون، ڏڻ، جنم، لاڏارو لهڻ جا موقعا

هيٺيون لوڪ ڪَهاڻيون ٻُڌايو ۽ لِکو.





# ١٩. ڪمپيوٽر جي ڄاڻ

پڙهو ۽ ڌيان ڏيو.

**ڪمپيوٽر** : نَمستي ٻالڪو، توهان مونکي تہ ضرور سُڃاڻيندا هوندا! مان ڪمپيوٽر آهيان. اَسان سَپِني جي طرفان نمسڪار.

**مَنوهَر** : نمستي. مونکي ڄاڻَ آهي، تون ڪمپيوٽر آهين. پَر سَپِني جي طرفان نمسڪار جو مطلب ڇا آهي؟

**ڪمپيوٽر** : سَپِني جي طرفان جو مطلب اَسانجي ڪُٽنبَ طرفان آهي.

**دِيپَڪ** : تون تہ ڏِسڻَ ۾ هِڪُ ئي اَچِين! تُنهِنجا ٻيا ڀاتي ڪِٿي آهِنِ؟

**ڪمپيوٽر** : تَرِسُ، مان توکي سَپِني سان مِلايان ٿو. مُنهنجيءَ پَر ۾ جيڪو ٻِيو آهي، اُهو 'سي.پي.يوُ.' آهي. اِهو آهي مُنهِنجو دِماغُ. هِن ننڍي ڏَٻيءَ کي 'مائوُس' چئبو آهي ۽ مُنهِنجي سامهون 'ڪي-بورڊ' آهي. اِهو اَٿوَ مُنهِنجو ڪُٽنب. جيئن توهان جي ڪُٽنب جا ڀاتي گڏجي ڪَمُ ڪَندا آهن، تيئن اَسين سَڀُ بہ هِڪ ٻِئي جي سَهِڪارَ سان ڪَمُ ڪَندا آهيون.



منوهر : ها، هاڻي سَمجهه ۾ آيو. سُجاڳپ لاءِ مهرباني. پَر هيءَ واقفيَت اَڌُوري آهي. پَنهنجي باري ۾ تہ اَسانکي ڪُجهہ ٻُڌاءِ.

ڪمپيوٽر : ضرور. ١٩٣٩ع ۾ پرفيسر هاورڊ آئڪن، ’آءِ.بِي.ايم‘ ۾ اِنجنيئرن جي مدد سان پهريون ڪمپيوٽر تيار ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اِهو ١٩٦٦ ۾ تيار ڪري پورو ڪيو. اُهو ڪمپيوٽر آڪار ۾ ڪافِي وَڏو هو. وقت بہ وقت سُڌارو ڪري آڪار ننڍو ڪَيو ويو. مُنهنجا ٻيا پائر ڪيترن ئي رنگ روُپ ۽ آڪاروارا آهن.

منوهر : ننڍو مطلب اَسان جي ڪتاب، ڪاپين جيترو؟

ڪمپيوٽر : ها، اُن ڪان بہ ننڍو. اُهو تُنهنجي هٿن جي ترِيُنِ ۾ بہ اَچِي ويندو. هاڻي ڇَڏِ اِنهن ڳالهيُنِ کي. اَچُ تہ مان توکي پَنهنجي ڪُتنب جي ڀاتين جي جاڻ ڏيان.

ديِپڪ : ها، ٻُڌاءِ هي ’مائوس‘ ۽ ’ڪي-بورڊ‘ ڪَهڙي ڪَم جا آهِن؟

ڪمپيوٽر : هي ’مائوس‘ ۽ ’ڪي-بورڊ‘ اِهي گَڏجي مونکي توهانجي مَددَ ڪرڻَ جو حُڪُم ڏيندا آهِن. ’مائوس‘ جي مَددَ سان مُنهنجي پڙدي تي شڪليون، ليڪون، چؤڪُنڊا، گول وغيره ڪَڍي سگهجن ٿا. ’ڪي-بورڊ‘ جي مَددَ سان، ڪُجهہ بہ لِکي سگهبو آهي.



**سُنِيتا** : ڇا اِها ڳالهہ سَچُ آهي تہ تُنهِنجي ’سي.پي.يوُ‘ ۾ سي.ڊِي. وِجهڻ سان ڳانا ۽ فِلمون وغيرهہ ڏِسي سگهون ٿا.

**ڪمپيوٽر** : ها، اِهو سَچُ آهي. توهان اِن ۾ پاشا ۽ حِسابَنِ جون مزيدار رانديون کيڏِي سگهو ٿا.

**ديپڪ** : تُنهِنجا ٻيا ڪهِڙا ڪَمَ آهِنِ؟

**ڪمپيوٽر** : مُنهِنجا ڪَمَ! مان آفِيسُنِ ۾، هوٽلُنِ ۾ ڪَمُ اَچان ٿو. ٽِڪيٽَ جي رِزرويشَنِ لاءِ بَسِ ڊيپو، ايئرپورٽ، ريلوي اِسٽيشَن تي مان مؤجوُد هوندو آهيان. اِن کان سواءِ مان آبَهوا جو اَندازو بہ لڳائي سگهان ٿو. اَهڙيءَ طرح مُنهِنجو اِستعمال هَرِجڳهہ تي ڪيو وڃي ٿو.

**منوهر** : واهہ دوست! سَچُ پَچُ تون ڏاڍو ڪارائتو آهين. مان پَپا کي چَوَندُسِ تہ مونکي گهرَلاءِ بہ هِڪُ ڪمپيوٽروَٺِي ڏئي.

### ١. اَچو تہ ڳالهہ ٻولهہ ڪريون ۽ لکون.

(١) ڪمپيوٽر جي اِيجادَ ڪنهن ڪَئِي؟

(٢) مائوس ۽ ڪي-بورڊ جو ڪهڙو ڪَمُ آهي؟

(٣) سِي.پِي.يوُ. ۾ سِي.ڊِي. ذريعي ڇا ڇا ڪري سگهجي ٿو؟

(٤) ڪمپيوٽر جا ڪَمَ بيان ڪَريو.

### ٢. هيٺِيان جُملا ڪنهن، ڪنهنکي چَيا آهِنِ؟

(١) ”تون تہ ڏِسڻَ ۾ هِڪُ ٿو اَچين! تُنهنجا ٻيا ڀاتي ڪِٿي آهِن؟“

(٢) ”ها، هاڻي سمجهہ ۾ آيو. سُڃاڻپ لاءِ مَهربانِي.“

(٣) ”ها، اُن کان بہ ننڍو. هوُ تُنهنجي هَٿَنِ جي تِرِين ۾ بہ اَچِي ويندو.“

### ٣. اِصطلاحن ۽ اُن جي معنيٰ جا جوڙا ملايو.

| | |
|---|---|
| (١) سهڪارُ ڪَرڻُ | اَنومان ڪَڍَڻُ |
| (٢) اَندازو لڳائڻُ | ڪَمُ آڻڻُ |
| (٣) اِستعمال ڪرڻُ | سُڃاڻپ ڏيڻُ |
| (٤) واقفيت ڏيڻُ | مَددَ ڪرڻُ |

## ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟

### ڪمپيوٽر جو اِتهاس



۱. سُپر ڪمپيوٽر (۱۹۷۰)

**ڪم:** آبهوا جي اڳواٽ ڄاڻ، پولار جي ڄاڻ، وڏي پئماني تي ڄاڻ.



۲. مين فريم ڪمپيوٽر (وڏا ڪمپيوٽر) (۱۹۷۰)

**ڪم:** سرڪاري دفتر، بئنڪون، ريلوي ۽ هوائي ياترائُن ۾ اِستعمال.



۳. مِني ڪمپيوٽر (۱۹۶۰ - ۱۹۸۰)

**ڪم:** ڪاليج جي لئبرري، ڪِلَرڪ آفيس



۴. مائڪرو ڪمپيوٽر (۱۹۷۱ کان اَڄ تائين)

**مثال:** ڊيسڪ ٽاپ، لئپ ٽاپ، ٽيب ليٽ، سمارٽ موبائيل فون

**ڪم:** ورڊ پروسيسنگ، ايڪسيل شيٽ، راندين جو رابطو، تحقيق، خاص مقصد وارو سافٽ ويئر ناهڻ.
اَهڙي نموني موبائيل فون جي ڄاڻ اِنٽرنيٽ وسيلي حاصل ڪريو.

---

### اَچو تہ گيان وڌايون

(۱) ۱۲ مهنا - ۱ سالُ

(۲) سؤ سالَن جو مُدو - صَدي

(۳) سَت ڏينهنَ - هِڪُ هفتو

(۴) ڇهَن مهنن جو مُدو - ڇماهي

**هدايت:** ماستر ڪمپيوٽر جي بابت ٻارن سان ڳالهہ ٻولهہ ڪندو ۽ ڪنهن بہ وشيہ جي ڪنهن ٽڪر جي صورتخطي ڪرائيندو ۽ ٻارن کي الڳ الڳ وشيہ ڏيئي ۸ - ۱۰ جملا لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

# ٢٠. اَچو تہ جَڳہ گُلزار ڪَرِيون

ٻُڌو ۽ ڳايو.







اَچو تہ جَڳہ گُلزار ڪَرِيون،
پريِتِ ڀَرِيو وَهنوار ڪَرِيون.

مالڪ جي سنتانِ اَسِين،
سَڀ سان پيار ئِي پيار ڪَرِيون.

سُرڳہ بڻايون پنهنجي وطَن جي،
ڪَڻِ ڪَڻِ جو سِينگار ڪَرِيون.

ساري جَهان کي پاڻَ وَٽون،
راهہ اِها اَختيار ڪَرِيون.

ڪَنهِنجيءَ دِلِ کي رَنجائي،
ڇا لئہ ڪو آزار ڪَرِيون.

پيدُ مِٺايون ماڻهُنِ مان،
اوجل سَڀُ ڪِردار ڪَرِيون.

نِياز ۽ نئڙَت سان وَرتون،
وَڏِڙنِ جو ستڪار ڪَرِيون.

۱. بيت جون سِٽون پڙهو ۽ هِڪ لَفَظ ۾ جواب ڏيو.

سُرِڳُ بڻايون پنهنجي وطَن جي،
ڪَڻ ڪَڻ جو سينگار ڪَريون.
ساري جَهان کي پاڻ وَٽون،
راهه اِها اَختيار ڪَريون.

(۱) ’نرڳ‘ جو ضِدُ =

(۲) ’سِينگار‘ جو هَم آوازي لفظُ =

(۳) ’دنيا‘ لاءِ لَفظُ =

(۴) ’پنهنجي‘ لَفَظ جي معني =

۲. ’صَحيح‘ يا ’غَلطِ‘ لِکو.

(۱) اَسان کي کَنهن جي دِل رَنجائڻ نه گهرجي. (.........................)

(۲) سَڀني سان نئڙت سان هَلڻُ گهرجي. (.........................)

(۳) ڪي ماڻهو پيد پاو ڪَندا آهن. (.........................)

(۴) ’صَحيح راهه‘ ۽ ’غلط راهه‘ ۾ فرق سمجهڻُ گهرجي. (.........................)

۳. ’وهنوار‘ لفظَ ۾ ’وار‘ ’سينگار‘ ۾ ’گار‘ ۽ ’کردار‘ ۾ ’دار‘ پڇاڙي ۾ ڏِنل آهِن.
اَهڙي نموني چؤکُنڊي مان مُناسب جواب ڳولهيو ۽ خال پريو.

مثال : خِدمَتگار — وار، دار، گار

| | | | |
|---|---|---|---|
| (۱) ايمان ......................... | | (۶) جواب ......................... | |
| (۲) هفتي ......................... | | (۷) محنت ......................... | |
| (۳) مال ......................... | | (۸) مهيني ......................... | |
| (۴) سمجهه ......................... | | (۹) هوا ......................... | |
| (۵) ذمي ......................... | | (۱۰) ورهسپت ......................... | |

## ۴.   هيٺِ ڪُجھُ چِترَ ڏِنل آهِنِ چِترَ ڏِسي اُنھن جو ذڪر ڪَرِيو.









## ۵.   لفظي رانِد.

خالي چؤڪُنڊي ۾ اَکر لِکي لَفظ پورا ڪَرِيو.

| | | |
|---|---|---|
| م | ل | |
| | | ط |
| | | ر |

| | | |
|---|---|---|
| ر | چ | |
| | | ک |
| | | ڻ |

| | | |
|---|---|---|
| ل | ي | |
| | | ي |
| | | ر |

| | | |
|---|---|---|
| کي | ر | |
| | | ن |
| | | گ |
| | | ل |

**هدايتون :** ماستر بيت سُھڻن اکرن ۾ لِکڻ لاءِ چوندو. ’ديش شيوا‘ وشيہ ڏيئي چاڙ ۽ پيشڪش جي آزمائش وٺندو.
ڪويءَ هن بيت ۾ ڪھڙي ڪلپنا ڪئِي آهي. اُن بابت شاگردن سان ڳالھہ ٻولھہ ڪندو.

**پروجيڪٽ :** ماستربيت مان ’اِسمِ‘ ۽ ’فعل‘ ڳولھڻ جي سُھڻن اکرن ۾ لِسٽ ٺاھڻ لاءِ چوندو.

# ٢١. دادا مونکي تہ ڏاڍو مزو ٿو اَچي

پڙهو ۽ سمجهو.



گاڏي تيز رَفتار سان هَلِي رَهي هُئِي، چئنراءِ پَنهنجي پُٽ جڳديش سان مُمبئيءَ کان پُٽِي وَجي رَهيو هو. پيءُ ۽ پُٽ ڏاڍو خوش نَظر اَچِي رهيا هئا. جڳديش دريءَ پرسان ويٺو هو. ٻاهريان نِظارا هوُ ڏاڍي چاهَہ ۽ چوڄَ سان ڏِسي رَهيو هو. اُڏامندڙ پکيُنِ کي ڏِسِي جڳديش ٽَپا ڏيئِي چَئِي رهيو هو، ”دادا، هي ڏِسو، پَکي آسمان ۾ اُڏامِي رهيا آهن، مونکي تہ ڏاڍو مَزو ٿو اَچي.“ چئنراءِ وراڻيو، ”ها پُٽ، تَمامُ سُنو نِظارو آهي.“ سامهون وارِي سِيٽ تي ويٺلُ هِڪ ماڻهو عَجَبُ کائِي رهيو هو. جڳديش هِڪ دفعو وَرِي رڙِ کري چيو، ”دادا... دادا، هي ڏِسو، سَڀُ ماڻهو وَڻَ ٽِڻَ ۽ جڳهِيون پُٺيان وَجِي رهيون آهن.“ چئنراءِ چيو، ”ها پُٽ، اَسانجِي گاڏِي تيز رفتار سان هَلِي رَهِي آهي، اِنکري اِئين لڳِي رهيو آهي.“

چئنراءِ پَنهنجي پُٽ جي هرسُوال جو جواب ڏاڍي پيارءِ خوشيءَ سان ڏيئي رهيو هو. اوچتو جڳديش وڏي واڪي چيو، ”دادا، آسمان ۾ هي ڪارا ڪارا بادل ڏسو، لڳي ٿو اڄ برسات پَوندي.“ چئنراءِ ڪَنڌُ ڌوڻي ها ڪَئي. جڳديش نِظارا ڏسڻَ ۾ مَشغوُل ٿي ويو. مگر چئنراءِ جون نَظرون تہ جڳديش تي ئي هُيون. سامهون ويٺل ماڻهو سوچي رهيو هو تہ هي ٻيئي ڄڻا ايترو خوش ڇو ٿا لڳنِ؟ پُٽ لڳي تہ چڱي عمر جو ٿو پر سندس حرڪتون ٻاراڻيون ڇو آهن؟ هُنِ چئنراءِ کان سندسِ پُٽَ جي عمرِ پُڇي.

چئنراءِ کيس جواب ڏِنو، ”٢٥ ورهيہ“ اِهو ٻُڌي ماڻهو چُپ ٿي ويو. هوُ ويچار ڪرڻ لڳو تہ ٢٥ ورهين جو جوان ٻارن وانگر هَلَت ڇو هَلي رهيو آهي. ضرور هِنَ جي دِماغي حالتِ نيڪ نہ هوُندي.

گاڏي لوناوالا اِسٽيشَن تي اَچِي بيٺي. ڪي مُسافِرَلَٿا ۽ ڪي چَڙهيا. ”چايہ چايہ“، ”بَٽاٽا وڙا بَٽاٽا وڙا“، ”لوناوالا چِڪي، مَگن لال چِڪي“ آوازن جڳديش جو ڌيان ڇِڪايو. هِنَ پيءُ کي چيو، ”مان چِڪي کائِيندُسِ.“ چئنراءِ يَڪدَمِ پُٽَ لاءِ چِڪي وَرِتي. جڳديش چِڪي کائيندي چيو، ”هي مَٿي ڏِسو، گاڏيءَ ۾ پَنکو هَلي رَهيو آهي.“ پِڻَس چيو، ”ها پُٽَ.“ ايتري ۾ گاڏي ڌيري ڌيري رفتار پڪڙيندي هوائن سان ڳالِهيون ڪرڻ لڳي. جڳديش وري دريءَ کان ٻاهرِ ڏِسڻ لڳو، برسات شروع ٿي چُڪي هئي. مِينهَنَ جون بوندون جڳديش جي مُنهَنَ تي پَئجي رَهيون هُيون. چئنراءِ هِن کي چيو، ”پُٽَ، تون آلو ٿي رهيو آهين، اِنڪري مان دري بندِ ٿو ڪريان.“ جڳديش زورسان چيو، ”نہ بابا نہ، مونکي تہ برساتِ جي بوُندُنِ مان حَدَ کان وَڌيڪ مَزو اَچي رهيو آهي.“ اِئين چئي هوُ خوشِ ٿي نَچَڻَ لَڳو. سامهون ويٺل ماڻهوءَ جو صبرُهاڻي ٽُٽي پيو. هِن کان رهيو نہ ٿِيو، چئنراءِ کان پُڇيائين، ”دادا، معاف ڪَجو، هِڪَ ڳالهہ پُڇان، دِلِ ۾ نہ ڪَجو.“ چئنراءِ چيو، ”بيشڪِ“. سامهون ويٺل ماڻهوءَ چيو، ”توهانجي پُٽَ جي عمر ٢٥ ورهيہ آهي. اِن عمرِ۾ بہ هي ننڍڙن ٻارَنِ وانگر ڳالِهيون ڪري رهيو آهي.

مُنهنجي صَلاح اَٿوَ تہ توهان هِنَ کي ڪَنهن سُٺي اِسپتال ۾ پيرتي ڪرائي عِلاجُ ڪرايوسِ. شايد هِنَ جي دِماغي حالتِ نيڪ نہ آهي. اِهو ٻُڌي چئنراءِ چَوڻَ لَڳو،

”توهانجي صلاح لاءِ مَهرباني. مُنهنجي هِڪ ڳالھ ٻُڌو. اَسين اَڄُ ئِي اسپتال مان موٽي رَهيا آهيون. اَڄُ ئي تہ مُنهنجي پُٽَ کي اَکيون مِليون آهِن. ٻِنِ سالنِ جي عمر ۾ هِڪَ بِيماريءَ سَببِ هوُ پَنهنجون ٻَئِي اَکيون وِڃائي چُڪو هو. پَکي، وَڻَ ٽِڻَ، بادل وغيرھ بابتِ هِنَ ٻُڌو تہ ضرور آهي، پر اَڄُ اِهي سَڀُ نِظارا هوُ پَنهنجِيُنِ اَکين سان پِهريون دفعو ڏِسي رهيو آهي، اِنکري ئي بيحدِ خوشِ ٿي رهيو آهي.“ ٿورو تَرسي چئنراءِ وَرِي چيو، ”مان دِل سان اُن شخص جو شُڪرگُذار آهيان، جنهِنجي دان کَيَلَ اَکين جڳديش کي نئين زندگي عطا ڪئي.“



سامهون ويٺلُ شخصُ اِها ڳالھ ٻُڌِي سنتوش مَحسوُس ڪيو ۽ چيو، ”ها، سائين! سياڻن سَچ چيو آهي، اَکِين جو دانُ - اُتم دانُ.“



## ١. اَچو ته ڳالهه ٻولهه ڪريون ۽ لکون.

(١) پيءُ ۽ پُٽ ڪِٿي وَڃي رهيا هئا؟

(٢) سامهون ويٺل ماڻهو جڳديش بابت ڇا سوچي رهيو هو؟

(٣) لوناوالا اِسٽيشن تي جڳديش جو ڌيان ڪهڙن آوازن ڇڪايو؟

(۴) سامهون ويٺل ماڻهوءَ چئنراءِ کي ڪهڙي صلاح ڏِني؟

(۵) جڳديش جي بيحد خوش ٿيڻ جو ڪهڙو ڪارڻ ٻڌايو ويو؟

(٦) چئنراءِ ڪَنهن جي شُڪرگذاري مَڃي؟

## ٢. هينيان جُملا ڪَنهن، ڪنهنکي چيا آهن.

(١) ”هي ڏسو، سڀُ ماڻهو، وَڻ ٽِڻَ ۽ جڳهيون پُٺيان وَڃي رهيون آهن.“

(٢) ”تون آلو تي رهيو آهين، اِنڪري مان دري بَندِ ٿو ڪريان.“

(٣) ”اَسين اَڄُ ئي اِسپتال مان موٽي رهيا آهيون.“

## ٣. هينين جُملن ۾ بيهڪ جون نشانيون ڏيو.

(١) مان دل سان اُن شخص جو شُڪرگذار آهيان جنهنجي دان ڪيل اَکين جڳديش کي نئين زندگي عطا ڪئي.

(٢) پُٽ لڳي ٿو ته ڇِڱي عمر جو ٿو پرسندس حرڪتون ٻاراڻيون ڇو آهن

(٣) دادا دادا هي ڏسو سڀ ماڻهو وڻ ٽڻ ۽ جڳهيون پٺيان وڃي رهيون آهن

## ۴. خال ڀريو.

(١) گاڏي ................... رفتار سان هلي رهي هئي.

(٢) اڏامندڙ پکين کي ڏسي ...................... تپا ڏيئي ڇئي رهيو هو.

(٣) پرسندس ................... ٻاراڻيون ڇو آهن.

(۴) پُٽَ جي عمر ..................... ورهيه آهي.

(۵) گاڏي .......................... اسٽيشن تي اَچي بيٺي.

## ۵. هيٺِ ڏنل آزمودو پورو ڪريو.

ٻه دوست - رام ۽ شيام - سمنڊ جي ڪناري گهمڻ - ڏاڍو مزو - ٻيڙيءَ جو سير.

هدايتون: ماستر خاص ضرورتمند ٻارن بابت سمجهائيندو. مجموعي تعليم جي اَهميت ٻڌائيندو. سبق بابت ٻارن کان رايا پڇندو ۽ سريرجي عضوون جي دان بابت ڄاڻ ڏيندو.

# ٢٢. پکين جي پئنچات

ٻڌو ۽ ڳايو.

مور مُکي ٻڌجي آيو آ
ڏيل کي ساڻ وٺي آيو آ
پنهنجا سُهڻا پَرَ ڦهلائن
نچي ٽپي ٿا موڄ مچائن





ڪوئل آهي ڪاري ڪاري
لات اُنهيءَ جي ليڪن پياري
ڪُوڪُو ڪُوڪُو گيت سُڻائي
سيني جو ٿي مَنُ ٻهلائي



ڪانءُ ڪري ٿو ڪان ڪان ڪان
ڏاهو آهي چوي ٿو مان مان
اُن کي ڪو گهر ڏي ناهي
وڻ وڻ تي ٿو ڦيرا پائي
ڪانگل نياپا ٿو پهچائي
جڻ تہ ٽپال چِٺي رسائي



جِهرڪي ننڍڙي آهي نياڻي
سيني ڪان پر آهي سياڻي
ڪَک پَن چونڊي گهرڙو ناهي
اُن آکيري ۾ رهندي آهي



رام جو نام جپائي طوطو
مِٺُو نانءُ رکائي طوطو
ٻاڙهي ڪنٺي ڳلي ۾ پائي
ساوا مرچ سدائين کائي

## اَچو تہ ڪريون.

### ١. ڇا توهان کي ڄاڻ آهي؟

(١) باز: باز پکيءَ جي نظر تَمامُ تيز هوندي آهي. اِها اِنساني نَظرَ کان اَٺوڻي هوندِي آهي. ڪنهن بہ شِڪار کي ڪِلوميٽرَ پَري کان ڏِسي سگهندو آهي. بازکي پَنهنجِي طاقت سبب پکين جو راجا مڃيو ويندو آهي.





(٢) چِبڙو: اِهو پکي پنهنجو مَٿو لڳ ڀڳ چؤڏاري گھمائي سگھندو آهي. اوندهہ ۾ بہ چٽيءَ طرح ڏِسي سگھندو آهي.

### ٢. تڪرپڙهو ۽ ڏنل مَشغوُليون پوريون ڪريو.

نل سروور گُجرات جو مَشهورپکي - اَيِيارڻ آهي. اَحمدآباد کان ٥٤ ڪ.م پري ساڻند پرسان آهي. هر سال سياري ۾ ڪيترن ئي قسمن جا پکي هِن سروور تي ايندا آهن. ايترن پکين کي هڪ ئِي وقت هِڪ ئِي هنڌِ ڏسڻ ۾ ڏاڍو آنند ايندو آهي. اُنهن کي ڏسڻ لاءِ صُبح جو سويل پَهُچڻو پوندو آهي. ٻيڙيءَ ۾ سئر ڪرڻ جو مزو بہ ماڻي سگهجي ٿو. هِن جي آسپاس پراڻين جا اَيِيارڻ آهن. جيڪي سئلانين کي پاڻ ڏانهن ڇِڪين ٿا. سَچُ پَچُ نل سروور سئر-سفراُديوڳ ۾ گُجرات جي شوڀا وَڌائي ڇڏي آهي.

(١) گجرات جو مشهورپکي - اَيِيارڻ ڪهڙو آهي؟

(٢) نل سروور ڪِٿي آهي؟

(٣) ڇا کي ڏسي ڏاڍو آنند ايندو آهي؟

(٤) ڪهڙي اُديوڳ ۾ نل سروورگُجرات جي شوڀا وڌائِي آهي؟

(٥) 'پکِي' جو عدد جمع لِکو.

(٦) ڏنل هِڪ مُند جو نالو لِکو.

هدايتون: ماستر شاگردن سان پکين جي خاصيتن بابت ڳالهہ ٻولهہ ڪندو. وڌندڙ پکيءَ تي ٨ - ١٠ جملا لکي ڪلاس ۾ پڙهڻ لاءِ چوندو. لئبرريءَ مان پکين بابت ڪتاب وٺي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪندو.

**نمستي ٻارو!**

جيڪڏهن توهانکي ڪير نٺو لڳي، توهانکي ڪنهن غلط ڇهاءُ ڪيو، تہ توهان چُپ ڪري نہ ويهو. توهان ڳالهايو.

١. پنهنجو ٻاڻ کي ڏوهہ نہ ڏيو.
٢. اُن کي ٻُڌايو جنهن تي توهان کي وشواس آهي.
٣. توهان نئشنل ڪميشن فار پروٽيڪشن آف چائلڊ رائيٽس کي ٻُڌائي سگهو ٿا POCSO جي e.box ذريعي.

جڏهن توهان کي ڪير غلط ڇُهاءُ ٿو ڪري ۽ توهانکي خراب ٿو لڳي،
توهان منجهي ٿا وَڃو ۽ ڪُجهہ نَٿا ڪري سگهو
توهانکي ''خراب'' نہ لڳڻ گُهرجي ڇو جو اُن ۾ توهانجي غلطي ڪونهي.




هي بَٽڻ ڏٻايو

**POCSO e-box available at NCPCR@gov.in**

جيڪڏهن توهان ١٨ سالن کان گهٽ عمر وارا آهيو ۽ توهان ڪنهن پريشانيءَ ۾ يا
مُنجهيل يا بَدِ سَلوُڪي يا تَڪليِف ۾ آهيو يا ٻيو ڪو ٻار .............
فون ڪريو 1098 .... ڇو جو ڪجهہ نمبر سُٺا هوندا آهن!
اُهي زندگي بدلي ڇڏيندا آهن!!!




چائلڊ لائين 1098 - نئشنل ٢٤ ڪلاڪ ٽول فري
ضروري فون لائين ٻارن لاءِ جيڪي ٻار پريشان يا تڪليف ۾ آهن
چائلڊ لائين اِنڊيا فائونڊيشن سرڪار جي مدد سان
(منسٽري آف ومين اَئنڊ چائلڊ ڊويلپڊ) هلي رهيِ آهي.

نئين سماج ڏانهن
Towards a new dawn

# राज्यगीत

जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।धृ।।

भिती न आम्हा तुझी मुळी ही गडगडणाऱ्या नभा
अस्मानाच्या सुलतानीला जबाब देती जिभा
सह्याद्रीचा सिंह गर्जतो शिव शंभू राजा
दरी दरीतून नाद गुंजला महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा ।।१।।

काळ्या छातीवरी कोरली, अभिमानाची लेणी
पोलादी मनगटे खेळती, खेळ जीवघेणी
दारिद्र्याच्या उन्हात शिजला
निढळाच्या घामाने भिजला
देश गौरवासाठी झिजला
दिल्लीचे ही तख्त राखितो, महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा, गर्जा महाराष्ट्र माझा
जय जय महाराष्ट्र माझा ।।२।।

مهاراشٽر راجيه پاٺيه پستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پُڻي.

बालभारती इयत्ता चौथी (सिंधी माध्यम) ₹ 69.00